


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڇپائيندڙ جا حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو: ڏور ٻہ اوڏا سپرين
ليکڪ : تاجل بيوس
ڇپجڻ جو مهينو: مئي- جون 1992ع
ٽائيٽل: اياز عالم ابڙو
ڇپيندڙ: ذڪي پرنٽرس ڪراچي
ڇپائيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي

ملھ: 30 رُپيا

All rights are reserved for the publisher

'DOOR BE ODA SUPAREIN'
Written by: Tajal Bewas
Language: Sindhi
Published by: Sindhica Academy Karachi

**Price Rs: 30-00**

لکپڙھ لاءِ

**سنڌيڪا اڪيڊمي**
پوسٽ باڪس نمبر: 7363، ڪراچي 74400

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تهِ لڙهي موتين مالها
پوپٽي هيرا ننداڻي
ڪلا پرڪاش ۽
سندري اُتمچنداڻيءَ
جي نالي-

تاجل 'بيوس'

soorihsindhiadab



Scanned with CamScanner

# سنڌاءُ


| | |
|---|---|
| پبلشر نوٽ | 6 |
| مهاڳ (گل ڀانئيءَ کان ڦرجڻ تائين) | 7 |
| اُسهڻ کان اڳ | 15 |
| ورهاڱي کان پوءِ هند ۾ سنڌين جو وڏي ۾ وڏو ميڙاڪو: | |
| ’شاه، سچل، سامي سيمينار‘ | 26 |
| انڊو- سنڌ مشاعرو | 40 |
| هند جا سنڌي ۽ سنڌن ڀڳتي ڀولي | 44 |
| ادب جي ٽن ڪلن: موتئي (گوبند)، مُگري (اُتم) ۽ گلاب (ڪيرت) جو شهر بمبئي | 48 |
| پن- چڻ پڄاڻان | 55 |
| گل ڀانئيءَ کان ڦرجڻ تائين | 60 |
| اُلهاس نگر ۾ هڪ رات | 63 |
| ڀارت جي سنڌين جا جس جوڳا ڪارناما | 67 |
| هند جي سنڌين جو وڪڙهارا: پروفيسر رام پنجواڻي | 72 |
| نه لڙهي موتين مالها | 75 |
| هيري ٺڪر جو ڪوجنائي ڪارنامو | 79 |
| ادب ۽ کوج جي دنيا جا ٻه نر نانوَ | 82 |
| لين جهڙو ڪيرت ٻاٻاڻي | 84 |
| مون سي ڏٺا ماءِ! | 90 |
| امر ڪوتا ’انڌو دونهون‘ جو خالق: ارجن شاد | 93 |
| لُکون لَڪَ لڳام، لهس نه آئي لِڳَ کي: اي- جي اُتم | 98 |
| هڪ رانجهُو لکان د مَٽ: موهن ڪلپنا | 100 |
| سون جو رنگ جهڙو موتي پرڪاش | 103 |
| ڪاش ڪو اُهي پَل ۽ پهر موٽائي ڏي | 105 |
| ٻِنُ جي ٽڪين ۽ ٻهن جي ٻونءَ لاڙڪاڻي ۾ جنم ونڊڻ: هري موٽواڻي | 106 |
| وڇوڙي جو واءُ | 108 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# پبلشر نوٽ

’ڏور ٻه اوڏا سپرين‘ هندستان جو اهڙو سفرنامو آهي، جنهن ۾ موجوده هندستان جي احوالن سان گڏ، هند جي سنڌين جي ٻهڳڻي ٻوليءَ، ادبي ادارن ۽ اُتان جي سنڌين جي جس جوڳن ڪارنامن، انڊو- سنڌ مشاعري ۽ شاهه، سچل، سامي سيمينار جا سربستا احوال ڏنل آهن.

تاجل جي ٻوليءَ جي چاشني سفرنامي کي اهڙو ته منو ٻڌايو آهي جو ٽيهه سالن تائين نه وسري سگهي.

تاجل جي پنهنجي چواڻي: ”بس، منهنجي هن سفرنامي ’ڏور ٻه اوڏا سپرين‘ ۾ ان شخص جا جذبا ۽ احساس آهن، جنهن کي وڻ وانگر پاڙئون پٽي سرحد جي هن پار اُڇليو ويو هو. مان انهن هم زبان بزرگن، دوستن، مائرن، ڀينرن، ڀائرن ۽ نياڻين سان مليو هيس، جن جو هڪ هڪ لفظ منهنجي روح ۾ پيهي ويو هو، جن جي ٻوليءَ ۾ امان سانئڻ پينگهي ۾ سمهاري لولي ڳائي، ننڊون ڪرائيندي هئي.“

هي سفرنامو جتي عام پڙهندڙن جي لاءِ دلچسپيءَ جو باعث ٿيو اتي سنڌ جي ادبي لاڏي جي لاءِ هند جي ادبي شخصيتن ۽ اتان جي ادان جي باري ۾ معلومات جو ذخيرو پڻ ثابت ٿيندو.

نور احمد ميمڻ
چيئرمين
سنڌيڪا اڪيڊمي

soorhsindhiadab



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# مهاڳ

## ڳل - ٻاتيءَ کان ڦرجڻ تائين

مون جڏهن سفرنامو لکي سنڌيڪا اڪيڊمي جي سڪاٽي- نور احمد ميمڻ جي حوالي ڪيو هو، تہ ان وقت اسان جو هردلعزيز يارڙو طارق اشرف زنده هو. هاڻي جڏهن ڳل ٻاتيءَ کان ڦرجڻ تائين جا ٻہ اکر پيو لکان تہ طارق اشرف اسان کان جدا ٿي، هڪ اهڙي ملڪ وڃي چڪو آهي، جتان ڪوبہ واپس نہ وريو آهي. طارق، جيڪو ڀارت واري سفر دوران منهنجو اهو همسفر هو، جنهن چهري کي ڪڏهن بہ ڇپو نہ ڪيو، منهن ۾ ڪڏهن بہ کُهنبہ نہ وڌو پر، چند ڏينهن گذرڻ اندر تخليقي ذات ۽ ادب جي انقلابي حڪمت عمليءَ سان ڦل ۾ ٽنبريل شهتوت کي موت جي ڪاري آنڌاريءَ سٽي، پاڙئون اکوڙي، هڪ اهڙي کُن جي حوالي ڪري ڇڏيو، جيڪو تختو تختي کان جدا ڪري، هڪ ئي سٽ ۾ مٺي متي مهراڻ تي ترندڙ ٻيڙين جا ساڪا، سڪاڻ، وڻا، ونجهہ، مُهرا، ڪوها ۽ ڪُرس ٽوڙي غرق ڪيو ڇڏي. مان محسوس ٿو ڪيان تہ مون سان گڏ منهنجو قلم بہ طارق اشرف جي وڇوڙي تي رت - ڳاڙهو ڳوڙها پيو ڳاڙي. منهنجي ڪمري جا در دريون بہ طارق جي واٽ تڪي رهيا آهن. هن اکرن لکڻ کان وڌيڪ هڪ هڪ ٿي جدا ٿيندڙ يارڙن لاءِ ٻيو ڪري بہ ڇا ٿو سگهجي!

هن صديءَ جي ساڍن ڇِئن ڏهاڪن (DECADES) جي تجربي کان پوءِ، جا حقيقت وڻڻ جي ڳوڳڙي وانگر ڦُٽي ڦاٽي، منهنجي سامهون آئي آهي سا هيءَ آهي تہ لڪن جي آزادي ۽ سرحد پار سنڌي قبيلن سان ادبي ۽ ثقافتي ڏي- وٺ (Give & Take) جا موقعا آمريت ۽ آپيشاهيءَ جي پيٽ ۾ جمهوري حڪومتن وڌيڪ پيدا ڪري پئي ڏنا آهن، جيڪو قدم هڪ قلمڪار يا ذات- ذاتيءَ جي نظرن ۾ وڏ ۾ وڏ واکاڻ جوڳو آهي. هونءَ بہ جمهوريت جو هڪ ٿڌڙو جهونٽو بہ آپيشاهيءَ جي سڄي ڏينهن جي هوائن کان وڌيڪ فرحت بخش هوندو آهي. پنهنجي آزاد ديس جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

نہ پهتا هئا، ٻيڙرون گهوٽڻ جي هٿن کي اجان ميندي لڳائي رهيون هيون، معصوم ٻارڙا ٻبا چڳڙي رهيا هئا، جو ڳهٽيءَ ڳام لڏپلاڻ جا سڏ پڙاڏا ڳونجڻ لڳا هئا.

اسانجي ڳوٺ (درڳاهہ پير حيات شاهہ) جا جيلاني سيد (ٽي ڀائر حيات شاهہ، راجن شاهہ ۽ مبارڪ شاهہ) لاڏاڻي کان اڳ مريدن کان ڏنَ- پِنَ جي اوڳڙ لاءِ لاڙ مان ٺينڌا وڃي ٻمبئيءَ کان نڪرندا هئا. درڳاهہ جي سيدن مان بس هڪ جيجي (ٻيبي جمل) ئي وڃي بچي هئي، جيڪا حال حيات هئي. جيئن ڀٽائيءَ سر سامونڊي ۽ سري راڳ ۾ لنڪا تائين وينڌڙ وڻجارن لاءِ سندن وهن جا ورلاپ بيان ڪيا آهن، ايئن جيجي پنهنجي مڙس ۽ ڏيرن کي ياد ڪندي، اکين ۾ آب آڻي، وڇوڙي جا گيت ڳائيندي هئي. امان سائڻ جيجيءَ کي سُر جهلائيندي هئي. جيئن تہ: ”حاتن ويو ٺم لاڙ- مؤلا ڪندس ماڙ“ يا ”مبن (مبارڪ شاهہ) ويو ٺم ٻمبئيءَ، موٽي ايندم مانگهہ جي ٻيءَ“ پيرن جي حويليءَ مان موٽي، امان سائڻ آسيس وچان چوندي هئي: ”مولا سائين اهو ڏينهن ڪندو جڏهن منهنجو تاجل مبئيءَ مان مون لاءِ سرها لونگ، ڦوٽا ۽ ڀينرن لاءِ ڳيگم ۽ ريشم جا جوڙا آڻيندو.“ ڪڏهن ڪڏهن تہ پينگهي ۾ وهاري، لوڏو ڏئي، جيجيءَ وارا گيت امان سائڻ بہ منهنجي نالي ڳائڻ لڳندي هئي، جن ۾ مٿين ٻولن سان گڏ ”تاجل لکي، ڪائي مکڻ جي دکي.“ بہ شامل هوندو هو.

مونکي ايئن لڳو آهي تہ سفرنامو بہ جڻ تہ ماڻهوءَ جي جيوٽيءَ-(Auto biogra-phy) جو هڪ باب آهي. فرق صاف ظاهر آهي تہ آتم- ڪٿا زندگيءَ جو هڪ وڏو سفرنامو آهي ۽ هن قسم جو سفرنامو هڪ حصو آهي، جڻ ڪنهن ڪاڪ- محل جو ڪو ڪمرو. هن سفرنامي ۾ اهڙا ڪيترائي بيان ۽ حقيقتون آهن، جيڪي ڪنهن سان بنا منسوب ڪرڻ جي مون لکيون آهن. ان ڪري هر ان بيان کي جيڪو ڪنهن شخصيت سان منسوب ٿيل ناهي، ان کي ڀارت جي ڌرتي ۽ ڀارتواسين بابت سمجهڻ گهرجي.

هيري ٺڪر ٻڌايو تہ جلاوطنيءَ جي شروعاتي ڏهاڙن ۾ هن پنهنجي ننڍي ڀيڻ ديويءَ سان گڏجي الهاس نگر ۾ ڪلفيون کپائي بہ جياپي جي جنگ لڙي، پر ڪنهن جي آڏو هٿ نہ ٽنگيو. اڄ اهو غربت جو سَتيل (Poverty- Striken) هيرو ٺڪر ڪوجنائي ڪاريہ جو هيرو بڻيل آهي. سندس آواز ڌرتيءَ جي پوري گولي تي گونجي رهيو آهي. ليڇمڻ ڪومل پنهنجي ننڍي ڀاءُ سان گڏجي ديوارين تي فلمن جا پوسٽر هڻندو هو جنهنجو اجورو کين ٻہ اڍائي روپيا ملندو هو. اڄ اهو ليڇمڻ ”ٽائيمس آف انڊيا“ اخبار ۾ هڪ اهم عهدي تي آهي ۽ هر سال نہ رڳو آمريڪا ٺو وڃي، پر سڄي دنيا کي فوٽ ڪٽيءَ سان ماپي چڪو آهي.

سنڌ جي لڏي ويل سنڌين هند ۾ وڃي جيوت جي مهاڀاري جنگ لڙي هئي، جيڪا هن کٽي ورتي آهي. ڀارت کان سنڌ ۾ لڏي آيل لوڪن جي ابتڙ هنن نہ ڪنهن خالي ٿيل جاءِ تي قبضو ڪيو، نہ ڇڏي ويل ملڪيتون (Evacuc Property)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

۾ جو وينس تہ ڪوڙ سارا سلڪ جا تاڪيا ۽ ٿان اُٿي وڃي متي چڙهيو آهيان. منهنجو وِهايل وکر پلي ڪنهن کي ڪڇ جا چوڙا لڳن، پر منهنجي لاءِ سچو سونُ آهي، ٿاڪاڻ تہ هي وٺج ۽ وکر ڀارت جي سنڌين ٻاري ۾ تہ آهي. مون تہ پنهنجن ڀينرن: پوپٽي، ڪلا ۽ سندريءَ لاءِ ڪير منڊيون ۽ چلڙا ويهي جوڙيا آهن، جيڪي آرهڙ جي سج وانگر جرڪي رهيا آهن.

در اصل مون ماضيءَ جي روايتن کي ٽوڙي پوءِ ويهي سفرنامو لکيو آهي. هن سفرنامي ۾ مون ڪنهن بہ هوٽل يا مسافرخاني جي ناشتي پاڻيءَ جا نرخناما ڪين ڏنا آهن ۽ نہ ڪو هند وارن لاءِ حيدرآباد واري ڪچي قلعي جا تَريل پلا پاڻ سان کڻي ڀارت پهتو هيس. مون اهو بہ نہ لکيو آهي تہ فلاڻي سيٺ اديب منهنجي هٿ ۾ پنج سؤ روپين جو نوٽ ڏني، مُ بند ڪرائي ڇڏي، جيئن هري موٽواٽيءَ سان گڏجي مان وڃي فلورا فائونٽين مارڪيٽ مان سلڪ جا جوڙا خريد ڪيان. مون کي اهو بہ تجربو ڪونہ ٿيو تہ کٽي جو فرج ڪوليان تہ رڳو منهنجي ۽ طارق اشرف جي ڪائڻ جا مال مليدا پيا هئا، ۽ هائو، مان تہ ائين بہ نہ لکي سگهيو آهيان تہ هن ڏينهن جي رهڻ کان پوءِ ڪا دوشيزه مون کي سات ڏيڻ لاءِ اچي پر ۾ بيٺي هئي. مان رڳو ايترو چئي سگهان ٿو تہ جنهن جانيئڙي دعرت ڏني، اسان کي پاڻ وٽ گهرايو هو، اهو پنهنجي ڪٽنب سميت مون تان گهور ٿي ويو. هائو ڀائڙو ٺاڪر چاولا، سندس نياٽي شُوڀا، گهر-ڌياڻي پارُو چاولا، سندس ننهن نيها ۽ جاٺو رام رائچنداڻي. اسان – طارق ۽ مان– ڪتابن جي ڏيڍ ٻوري کن پاڻ سان ضرور کڻي آيا هئاسون. پاڪرون، آلبم، ميڊل، موتين– مالهائون، وڊيو، آڊيو ڪئسيٽون ۽ هيون سوکڙيون پاکڙيون بہ ادبي مچتا طور، پرين جي پار جي مڙئي مڻائي سمجهي، اسان ساهہ سان سانڍي رکيون آهن.

مان سنڌ جي لانڍين ۽ لوڙهن ۾ وڏي وڏو ٽيل هڪ ادنيٰ شاعر آهيان، جيڪو ذري گهٽ اڌ صديءَ جي وڇوڙي کان پوءِ ڌرتيءَ جاين سان ملڻ ويو هيو. بس، منهنجي هن سفرنامي ۾ اُن شخص جا جذبا ۽ احساس آهن، جنهن کي وڻ وانگر پاڙئون پٽي، سرحد جي هُن پار اڇليو ويو هيو. مان اُنهن هم زبان بزرگن، دوستن، مائرن، ڀائرن، ڀينرن ۽ نياڻين سان ملڻ ويو هيس، جن جو هڪ هڪ لفظ منهنجي روح ۾ پيهي ويو هو، جن جي ٻوليءَ ۾ امان– سانئڻ پينگهي ۾ سمهاري، لولي ڳائي، ننڊون ڪرائيندي هئي. ڌرتيءَ کان اکوڙيل انهن ڌرتي– ڌڪاڻن جا ڏک سور، ٻاڪارون، آسيسون، آسُون، اُميدون، امنگ، اُدما، جذبا، آٽت ۽ ڪيفيتون ۽ ڏوراپا ئي بيان ڪيا اٿم. ٻولي، ثقافت، ڌرتي، ماڻهو، جلاوطني ۽ سندن ادب کي ڳُلَ– ٻاٽيءَ ڪانوڻي ڦرجڻ تائين جي ذڪر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. دراصل ٽانڊا ۽ جهيون اوڳاڇيندڙ سرحدن تي هڪ پُلِ جوڙڻ جو اڏاوتي ڪارڻ آهي، جيئن ِهن پاسي کان ويندڙ ۽ هُن پاسي کان ايندڙن کي ڏسي، مُرڪان، کِلان، خوش



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٽيان ۽ ٺهڪ ڏيان ۽ ائين اُنهن پلن ۾ پهرين لاءِ پيو جيان ۽ جيئرو رهان، جيئن هن پيار جي پورهئي کي ڪا معنيٰ ملي پوي. موں تہ سونهن، سچ ۽ سُرت جي اُنهن سفرين جون انڊريسون بہ ڏنيون آهن، تہ جيئن دلين جي ڪَنُ لهڻ سان ڳڏ اَن پُلِ تان ڪٽ ۽ وقت جي ڏوڙ بہ صاف ٿيندي رهي.

هائو، مان وري بہ پنهنجي وچن کي ورجايان پيو تہ منهنجي هن سفرنامي ڏُور بہ اوڏا سپرين ۾ اُن شخص جا احساس ۽ آسيسون بيان ٿيل آهن، جنهن کي وڻ وانگر اکوڙي سرحد پار اڇليو ويو هو، جنهن سان منهنجي هولي ۽ ڌرتيءَ جو رشتو ڪنهن بہ ڌرم جو محتاج ناهي، جنهن جي قلم مان جنم وٺندڙ تخليقون سرنهن جي ڦولار، انب جي هوڪيل ٽارين، چيٽ جي ڦوٽهڙي، ڪَنديءَ جي ٻُور ۽ ٻُنگ، ٻهر جي پلڙن ۽ ٿر جي پُسين ۽ پيرن جهڙيون وڻندڙ آهن.

تاجل بيوس

House No: A-3
Pioneer Homes
Opp: Maymar Complex
Scheme No:33
Super High Way
Karachi (SINDH).



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# اُسھڻ ڪان اڳ

مان جڏھن ائن سالن جي عمر جو ھئس تہ ھر روز اڍائي ميل پنڌ ڪري، پر وارن ڳوٺن جي ٻارن سان گڏجي ٻوبنڻ پور پڙھڻ ويندو ھئس. ٻونيٽ پور گمبٽ تعلقي ۾ انبن پرسان سگين ۽ نوازي جي اتر ۾ ڪچي جي ڪاھي ڪلھي تي جھلي بند ھيٺان ھڪ پراڻو ڳوٺڙو آھي. محراب واھ تي ھندِ يا خانئي نہ ھئڻ ڪري، ڳوڏ ڪلھي تي رکي، اسانکي واھ جي چيلھ تي ايندڙ پاڻيءَ مان لنگھڻو پوندو ھو. اھو زمانو 1946ع وارو زمانو ھو. منھنجي اندازي موجب ھيري پساريءَ سميت ٻونيٽ پور ۾ ڏھاڪو کن دڪان ھوندا ھئا ۽ سڀ جا سڀ دڪان ھندو برادريءَ جا ھئا، جيڪي پنھنجن ڪٽنبن سميت ٻونيٽ پور ۾ رھندا ھئا. مان ٻئي درجي سنڌيءَ ۾ پڙھندو ھئس ۽ منھنجو دوست قيمت مل پھرئين درجي ۾. ھي ننڍڙو فرشتو پٽڪو تہ ڪونہ ٻڌندو ھو پر پوءِ بہ منھنجو پڳ- مٽ يار ھو. اسان ھڪ ٻئي کي سوکڙيون پاکڙيون بہ ڏيندا ھئاسون. مان ھڪ غريب ھاريءَ جو پٽ ۽ قيمت ننڍڙي سيٺ جو پٽ ھو. مان کيس ٻير، آنُون، مکڻ، ماکي، سُرھو تيل، ڦريون ۽ ڦوٽا ڏيندو ھئس تہ موٽ ۾ قيمت مونکي لائي، ٻگڙا، ڳڙ، کارکون ۽ پتاشا ڏيندو ھو. جنھن ڏينھن مون تي وڌيڪ راضي ٿيندو ھو، ان ڏينھن مونکي مصري، ڏونگھي ۽ چانور ملندا ھئا. ھن قسم جون قيمتي سوکڙيون مونکي اُن ڏينھن ملنديون ھيون، جنھن ڏينھن شام جو ڪا جھڙ قيمت مونکي پنھنجي گھر جي ٻاھرين دريءَ وٽ وچي بيھاريندو ھو. جتان سندس ماءُ مونکي ڏسڻ لڳندي ھئي. منھنجي چپن تي معصوم مرڪ ڏسي، قيمت- ماءُ آسيس وچان کلي ڏيندي ھئي ۽ پوءِ چوھڙ ۽ ويرو مل جو دڪان ٽپائي، ننڍڙو قيمت موٽي ويندو ھو. اِھي سوکڙيون اسانکي پنھنجن مائرن جي رضامنديءَ سان ھڪ ٻئي کي ڏيڻيون پونديون ھيون، جڻ تہ غيرسڌيءَ طرح اسانجي مائرن جو پاڻ ۾ ساھيڙپ وارو رشتو جڙي چڪو ھو. خبر ناھي تہ ھن وقت منھنجو اُھو پڳ- مٽ يار قيمت مل ڀارت جي الائي ڪھڙيءَ ڪنڊ ڪڙڇ ۾ رھندو ھوندو. جيڪڏھن ملي وڃي تہ اھڙو ڀاڪر پايانس جو پاسرين مان ٺڪاءُ ڪڍي ڇڏيانس!

ڪن الھ لوڪ ۽ سخي مرد ھندن جي سخاوتن ۽ خيراتي ڪمن جا قصا-



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

لڳي، جڻ ڪير جي بوتل سان ٻارڙي جو ڪوبہ رشتو ڪونهي ۽ پوءِ بہ ماءُ پنهنجي ٻارڙي کي ڀڳوان جو روپ سمجهي، بار بار پيار سان ڳلُ سندس پوچا بہ ڪري رهي آهي. ٻارڙو جيڪو سندس جسم جو حصو آهي، جيون جي تصوير آهي، مامتا جو چٽ ۽ ماءُ جو آدرش آهي."

سنان– پاٺيءَ ڪانپوءِ نيرن ڪري، اسان: نند ۽ مان– شيخ اياز جي ڪري هوٽل کان ٺيندا، سيتا سندو پوڻ پهتاسين. شيخ اياز اسان کان اڳ ئي رام پنجواڻي ثقافتي مرڪز ڏانهن روانو ٿي چڪو هو– نند ۽ مان ٿورڙو دير سان پهتاسون، جنهن جو خاص سبب هوٽل ۾ نہ ترسڻ ئي ٿي سگهي ٿو. اُن رات ڪانپوءِ دير مدار سان بہ مان اچي هوٽل پيڙو ٿيندو هئس. نند جوهريءَ کي ايڏو تہ چرڪ آيو جو هُن پنهنجو عارضي آسڻ ئي مٽائي ڇڏيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# ورهاڱي کان پوءِ هند ۾ سنڌين جو وڏي ۾ وڏو ميڙاڪو:

# 'شاهه، سچل، سامي سيمينار'

سينٽر جو هال سنڌ، الهاس نگر، بمبئي، پونا، دهلي، گانڌي ڌام، آديپور، احمد آباد، جيپور، ڀوپال، جلگائون ۽ دبئي کان کهي آيل اديبن، شاعرن نقادن ۽ پارکن سان ايڏو ته ڀريل هو، جو منجهس تر ڇنڻ جي به جاءِ ڪانه رهي هئي. ڪرسين تي ويٺلن کانسواءِ هال جي پاسن ۾ پانوندن کان به ماڻهو ئي ماڻهو ٿي نظر آيا. اهڙي ماحول ۾ شري ٺاڪر چاولا سينٽر جو تعارف ڪرائي رهيو هو. خبر پئي ته ڌرتي- ڌاڻن جي ٽيتاليهن (43) سالن جي وڇوڙي کانپوءِ اهو پهريون دفعو هو جو ايڏي وڏي پيماني تي هند سنڌ جا اديب، عالم، پارکو ۽ شاهه جا عاشق اچي هڪ پليٽ فارم تي ڪٺا ٿيا هئا. زندگيءَ جي هڪ وڏي لاپ ڪارڻ ڀارت جي سنڌي قبيلن طرفان بمبئيءَ جي اُپنگر سيتا سنڌو ڀون ۾ قائم ڪيل پروفيسر رام پنجواڻي ڪلچرل ائنڊ لٽرري سينٽر جي آڊيٽوريم ۾.

هر ڪنهن جو چهرو مرڪن سان سينگاريل هو. هر مکڙي مان سج اڀري پيو هو. هر ماڻهوءَ جو من موتئي گل جيان ٽڙي پيو هو. هر چهرو صدين جو ڄاتل سڃاتل چهرو هو. هڪڙو ئي رت هو، جيڪو هر جسم جي نس، نس ۾ ڊوڙي رهيو هو. "جر ٿر تک تنوار، وڻ ٽڻ وائي هيڪڙي" ڪنهن ڪلهي تي ٿياس نه، پر ڪو ننڍڙو هيمون به نظر اچي رهيو هو. ائين ٿي لڳو، ڄڻ برلن جي ديوار اورانگهي، هڪ ئي ڌرتيءَ جي پيٽ مان جنم ورتل انسان هڪ ٻئي جو آڌر ڀاءُ ڪندي، پُورائي نٿي پيا، ۽ هاڻي هڪ ٻئي کي ڀُڏڻ لاءِ هڪ- ڪَٺا ٿي اسٽيج ڏانهن نهاري رهيا هئا.

شري ٺاڪر چاولا رام پنجواڻي سينٽر بابت ٻڌايو ته شروعات ۾ هتي هڪ ننڍڙو بنگلو ٺاهيو ويو هو، جو ناڪافي هو. پروفيسر رام پنجواڻيءَ جو مقصد هو ته هتي هڪ وڏي ساهتڪ اڪيڊمي ۽ ثقافتي مرڪز هئڻ گهرجي، جنهن ۾ ساهتڪ بيٺڪون ڪيون وڃن. هِن مرڪز کي هڪ وڏي لئبرري ۽ ريسرچ جي ڪم لاءِ هر سهولت هئڻ گهرجي. هند ۾ سنڌ جي ڳائڪن ۽ فنڪارن کي صوفياڻو ڪلام ڳائڻ جو موقعو ڏنو وڃي. چاولا صاحب ٻڌايو ته سرڪار ٻولي ۽ ثقافتي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سرگرمين تي پلي لکين ۽ ڪروڙين روپيا خرچ ڪري، پر جيستائين اسان پنهنجو
هونئو پاڻ نہ ھاريندا سين، تيستائين اتي جو اتي بيٺا هونداسين. هونءَ تہ هتي هن
هال ۾ هن کان اڳ بہ ڪيترائي مشاعرا ڪرايا ويا آهن. هڪ عاليشان رنگ برنگي
پروگرام تي چڪو آهي، جنهن ۾ روائتي جهومر پيش ڪرڻ لاءِ ڪلياڻ کان سنڌي
عورتون گهرايون ويون هيون. ناڪر چاولا ٻڌايو تہ اجان بہ ڪجهہ اڳتي وک وڌائڻ
لاءِ سوچيو ويو تہ سنڌ مان شاعرن ۽ اديبن کي گهرائي، سيمينار کي هند سنڌ جو
رنگ ڏنو وڃي. هن مقصد ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ هتان جي ڪيترن ئي ادب
شناس دوست احبابن دل کولي سهڪار جو هٿ وڌايو. هڪ مهربان تہ سندس ڪيسو
ڀري ڇڏيو ۽ چيائين تہ سندس نالي ظاهر ڪرڻ جي ڪابہ ضرورت ڪانهي. چاولا
صاحب ٻڌايو تہ اُهو سخي مرد هاڻي بہ هن محفل ۾ اسان سان گڏ ويٺل آهي.

شري چاولا اعلان ڪيو تہ اسان جوت جلائي، سيمينار جو افتتاح ڪرايون.
ان کان اڳ دبئي کان آيل سنڌيءَ جي برک شاعر موتي پرڪاش کي وينتي ڪندس
تہ هو منچ (اسٽيج) تي اچي سنڌ کان آيل مهمانن جو تعارف ڪرائي.

موتي پرڪاش مختصر لفظن ۾ مهمانن جي ڀليڪار ڪندي، سڀ کان
پهريائين شيخ اياز جو تعارف ڪرايو، جنهنجو اختصار هن ريت آهي:

"شيخ اياز جو اصل نالو شيخ مبارڪ آهي، جيڪو 1923ع ۾ شڪارپور ۾
ڄائو هو. شروعاتي دؤر ۾ شيخ صاحب ڪيٺلداس 'فاني' کان شعر جي اصلاح
ورتي. (جيئن تہ فاني صاحب تقريب ۾ موجود هو، اُن ڪري هال ۾ زوردار تاڙيون
وڄايون ويون) شيخ عبدالرزاق 'راز' ارجن شاد، هري دلگير، نارائڻ شيام، ڪيٺلداس
'فاني' ۽ شيخ اياز هڪ ئي دور جا شاعر آهن. 1962ع کانپوءِ شيخ اياز جي لکڻين
۾ تيزي آئي. اُن وقت 'ڳاءِ، انقلاب ڳاءِ' شيخ اياز جو مشهور ڪلام هو. سندس
خاموشيءَ وارو دؤر وائس چانسلريءَ وارو زمانو آهي. بيت ۽ وائيءَ کي اياز نئون
رنگ ڏنو. اياز جي نثر ۾ بہ سنڌيءَ جي سگهنڌ ايندي آهي. سنڌي قوم لاءِ اياز
ڪيترين ئي قربانيون ڏنيون آهن، جنهن لاءِ ڪيس جيل بہ ڀوڳڻو پيو ۽ پوءِ بہ اياز
پنهنجي عزم سان وفادار رهيو آهي ۽ اجان بہ نڀائيندو پيو اچي." شيخ اياز جو
تعارف ڪرائيندي، موتي پرڪاش ٻڌايو تہ هڪ تقريب ۾ اياز هڪ شعر پڙهيو
هو، جيڪو اياز جي ڪنهن بہ ڪتاب ۾ نہ ڇپيو آهي. اياز شايد پاڻ بہ اُهو شعر
وساري ڇڏيو آهي. شعر آهي:

"هاءِ خاموشيون، هاءِ اداسيون
ترسو ترسو اي چؤماسيون."

شيخ اياز کانپوءِ موتيءَ استاد فيروز گل جو تعارف ڪرايو:

"استاد فيروز گل سنڌي سنگيت جو هڪ مقبول فنڪار آهي، جنهن ويهارو کن
فلمن ۾ موسيقي ڏني آهي ۽ هزارن جي تعداد ۾ ڪئسٽون تيار ڪرايون آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سنڌ کان آيل مهمانن جي تعارف ڪانپوءِ مائيڪ وري ٻه ٺاڪر چاولا سنڀاليو. جنهن ٻڌايو تہ هي پهريون دفعو آهي جو هن سيمينار ۾ هند- سنڌ جا اديب ۽ شاعر اچي شريڪ ٿيا آهن (تاڙيون). ٻڌايائين تہ موتي پرڪاش ڪانپوءِ باقي اسانجا دبئي وارا اديب ڪن اڻ- ٽر مجبورين ڪري شريڪ نہ ٿي سگهيا آهن. مگر هنن تار موڪلي، اسان سان نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو آهي ۽ هيڏي وڏي پيماني تي هند- سنڌ جي اديبن ۽ شاعرن جي سيمينار ۾ شريڪ ٿيڻ تي واڌايون موڪليون اٿائون. شري ٺاڪر چاولا اعلان ڪيو تہ هاڻي سيمينار جو مهورت جوت جلائي، سنڌ کان آيل مک مهمان شيخ اياز ڪندو.

شيخ اياز شمعدان ۾ رکيل ميڻ- بتيون جلائي، سيمينار جو آغاز ڪيو. پنج ئي جلايل ميڻ- بتيون ڪجهہ وقت تائين ٻرنديون رهيون- سنڌن شعلا ٻجلي- پکن جي هوا تي گردنون جهڪائي، هند- سنڌ جي آيل مهمانن کي پرنام ڪندا رهيا. ان وچ ۾ اسٽيج تي ويٺل مهمانن: شيخ اياز ۽ ڀيڻ زرينہ اياز کي هار پارايا ويا. پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ کي سندس عقيدتمند شاگرد پروفيسر ايم- ايس آڏواڻيءَ (رام پنجواڻي ٽرسٽ جو سيڪريٽري) گلن جو هڪ ڳيتا ڪيو. جنهن ڪانپوءِ ڊاڪٽر ارجن شاد مهمانن جي پليڪار لاءِ اسٽيج تي آيو. ارجن چيو تہ هن تي هڪ خام خيال ويٺل هو تہ هن کان اڳ ڀارت ۾ جيڪي بہ ادبي سيمينار ۽ ساهتڪ ميڙاڪا مچايا ويا آهن، انهن جهڙو لاثاني ٿيو ڪو ميڙو مچائڻ مشڪل ٿيندو. پر اڄ پروفيسر رام پنجواڻي سينٽر پاران ٺاڪر چاولا جو ههڙو بندوبست ڏسي، مان دنگ رهجي ويو آهيان! هي سيمينار سچ پچ هڪ انٽر راشٽريہ سطح جو سيمينار آهي. ٺاڪر چاولا بيشڪ هڪ معجزو ڪري ڏيکاريو آهي. ارجن چيو تہ هو اليڪشن ۾ هارايل پارٽيءَ وانگر پنهنجي هار مڃي ٿو (I Concede my defeat).

هندستان جا اديب هجن، سا ڪا وڏي ڳالهہ ناهي، هتي تہ سنڌ ۽ دبئي جا اوچا اديب ۽ شاعر آيل آهن، جن جو ڪو جواب ناهي. سنڌ مان آيل اديب بين الاقوامي مڃتا (International recognition) وارا اديب آهن. هندستان جا بہ وڏا اديب ڏسي، مونکي تمام وڏي خوشي ٿي آهي. پارکو ۽ پانڪ بہ چوٽيءَ جا اچي ڪٺا ٿيا آهن. ڪين آڌر ڀاءُ ڪندي، مان فخر ٿو محسوس ڪيان. هي ماحول ڏسي، مان چئي سگهان ٿو تہ اسان پنهنجي تحريڪ جي هاڻي چوٽيءَ تي پهتا آهيون. ارجن مهمانن تان ٻلهار ويندي، چيو تہ اسانجي ادبي تحريڪ ٽيتاليهن سالن ڪانپوءِ جيڪو روپ ورتو آهي، سو لاجواب آهي، بيمثال آهي. لڏپلاڻ ڪري، اسان ايڏا تہ دکي ٿي هت پهتا هئاسون جو اسان سنڌين جي حالت ڏسي، چيو ويندو هو تہ ساهتيہ ۽ ادب تہ وڏي ڳالهہ آهي، لڏي آيل سنڌي تہ پنهنجي ٻولي بہ وڃائي ويهندا. هن ڏس ۾ اڪل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جو ايڏو تہ شاندار ڪردار رهيو، جو هن سڀا سنڌي ٻوليءَ کي بچائي ورتو. پروفيسر رام پنجواڻي اڪيلي سر هڪ سنسٿا هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

شيخ اياز جي پڙهيل صدارتي تقرير ڪانپوءِ مک مهمان ناڪر چاولا جي ادارت ۾ نڪرندڙ ٽماهي رسالي 'سپون' جو مهورت ڪيو. هري موٽواڻي ۽ شويا رانچنداڻيءَ ويٺلن ۾ سپون جو آڪٽوبر، نومبر ۽ ڊسمبر 1990وارو پرچو ورهايو. اوچي پني تي ڇپيل هي رسالو سؤ سيڪڙو ادبي آهي، جنهن ۾ ادب ۽ شاعريءَ جي هر رنگ جا گل پوکيل آهن.

چانهه- بسڪٽ جي وقفي ڪانپوءِ شاهه، سچل ۽ ساميءَ تي لکيل مقالن جي بيٺڪ شروع ڪئي وئي. پهريون پيپر هري دلگير ڪي پڙهڻو هو، جنهن ڪي گانڌي ڌام (ڪڇ) کان اچڻو هو. سندس غيرحاضريءَ ڪري، سائين دلگير جو پيپر ڊاڪٽر ارجن شاد کان پڙهايو ويو.

مون جڏهن مراد هاءِ اسڪول گمبٽ مان 1959ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو هو، تڏهن ماهوار 'نئين زندگيءَ' ۾ هري دلگير جا شعر پڙهندا هئاسين. اُن وقت هري دلگير نه، پر هري درياني دلگير هوندو هو. سنڌوءَ تي ڇپيل سندس هڪ نظم جا چٽا پٽا چٽ، عڪس ۽ اولڙا اڄ به منهنجي ذهن جي ڪئنواس تي اُڪريل آهن. ڇا ته هِن نظم ۾ رواني ۽ اسلوب جي جادوگري هئي! منهنجي ادبي ياترا ۾ ڪيڏو نه اضافو ٿئي ها، جيڪڏهن مان ادب جي هِن سنڌي شهسوار جو به درشن ڪري اچان ها!

دلگير جي مقالي جو عنوان هو 'اڄوڪي زماني ۾ شاهه، سچل ۽ ساميءَ جي اهميت.' مقالي جي پهرين جملن مان ئي پروڙ پئجي وئي ته دلگير 'ماڻهو' ۽ 'ماڻهپي' جو قائل آهي، سڀني انسانن جي رت جو رنگ ڳاڙهو آهي ۽ پاڻ ۾ عالمي ڀائيچاري جي بنياد تي هڪ ئي وڻ جو ڦل، پن ۽ لامون آهيون. اُها الڳ ڳالهه آهي ته هند جي مهان ليکڪ موهن ڪلپنا دلگير کي خداوادي اديبن ۾ ڳڻايو آهي، جنهن جو ڪارڻ اهو به ٿي سگهي ٿو ته دلگير پنهنجي ادبي ڪيتر ۾ ڪجهه اِن قسم جي هوڻن جون اُوڏيون به هنيون آهن. شاهه جي رسالي ۽ ڀڳوت گيتا مان پورا وچوڻ (Parallels) ڪڍي، دلگير هڪ الڳ مضمون به لکيو آهي، جنهن ۾ ڏيکاريو اٿائين ته انهن ويچارن ۾ ڪيڏي نه سمانتا (هڪجهڙائي) آهي! دلگير لکي ٿو ته اڄ دنيا کي گيتا، بائيبل ۽ قرآن جي ضرورت آهي ته اسان سنڌين کي سنڌ جي ٽمورتي ڪوين جي ضرورت آهي. دلگير گيتا کي تياڳ ڏئي سگهي ٿو، پر شاهه جي ڪلام (جيڪو سندس ٻهڳتي ٻوليءَ ۾ آهي) تان هٿ نٿو کڻي سگهي.

آخر ۾ ٽنهي ڪوين جي ڀيٽ ڪندي، دلگير لکيو آهي ته ساميءَ پنهنجن سلوڪن ۾ پنهنجي وقت جا ڪي سهڻا عڪس چٽيا آهن، پر اُهي گهٽا ناهن. هُن وٽ ڀڳتي وڳيان ۽ ڌيان جي امر سمپتي (ڌن دولت) آهي، جا ڪُٺائڻ سان به ڪانه کُٽي سگهندي، پر زماني جي حالتن بابت وٽس بلڪل ٿورا سلوڪ آهن. ساميءَ جي سلوڪن جي اٿاهه ساگر ۾ اهڙا سلوڪ بوند برابر آهن، پر سچل جو ڪلام



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جا سبق دهرائي، اڳتي وڌڻ جا سانباها ڪنديون آهن. شاهه، سچل ۽ سامي هن ڌرتيءَ جا اُهي سرموڙ تلخيقڪار آهن، جن ماضي ۽ حال جي وچ ۾ هڪ مضبوط پُل جوڙي، حال کي ماضيءَ سان ڳنڍي ڇڏيو آهي ۽ اُها پُل اندلڻ وانگر ڌرتيءَ جي هڪ ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين ڦهلي پئي آهي، جنهن هيئان تخليق جا ڪيئي اٿاهه سمنڊ ڇوليون ماري رهيا آهن ۽ ائين نظر جي نهار تائين سماجي ۽ محاڪاتي پس منظر (Scenic- back ground) پکڙيو پيو آهي، جنهن جي ذري پرزي کي هنن شاعرن ڏٺو وائٺو پرکيو ۽ پروڙيو هو.

تاجل جي مقالي جو پس منظر بمبئي مان نڪرندڙ اخبار 'هندستان' ۾ اجهو هيئن ڇپيو هو: ٽيون مقالو سنڌ مان آيل مشهور عوامي شاعر تاجل بيوس جو هو، جنهن کي سنڌي ساهت ۾ سندس لکيل گيت 'سنڌ منهنجي امان' امر ڪري ڇڏيو آهي. تاجل چيو: "انساني معاشري کي جڏهن بہ ڏاڍ ۽ ڏمر جي اڌوهيءَ ڪوڙ ۽ ڪاهلپڻي جي سُري ڪائي کوکلو ڪيو آهي، تڏهن اُن جي ردعمل ۾ سماج ۽ قومن جي سڏاري لاءِ ڪونہ ڪو وڏو شاعر پيدا ٿيو آهي. نہ رڳو ايترو پر، غلاميءَ جي زنجيرن کي ڪڙي، ڪڙيءَ کان ٽوڙي ڦٽو ڪرڻ تائين بہ شاعرن جي نئي تخليقي سگهہ ڪم پئي ڪيو آهي." هن بيٺڪ کي پروفيسر پوپٽي هيرا نندائيءَ سنڀاليو.

سيمينار جي ٽئين ڏينهن واري بيٺڪ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جي مقالي 'شاهہ، سچل ۽ سامي: ڀارتي ڀڳتي ڪاويہ ڌارا جي سلسلي ۾' سان شروع ٿي، ڊاڪٽر جيٽلي جو پيپر وڏي سوچ ويچار سان لکيل هڪ تحقيقاتي پيپر هو. هُن ٻڌايو تہ ساميءَ جي سلوڪن کي مندرن ۽ ٽڪاڻن ۾ رکيل پوٿين مان ڪڍي، روشنيءَ ۾ آڻڻ جو شرف ديوان ڪوڙيمل چندن مل کي آهي. هِن عالم ساميءَ جا ايڪيهہ سو سلوڪ گرمکي اکرن مان اُتارائي، عربي- سنڌي صورتخطيءَ ۾ ڇپائي ظاهر ڪيا. ڀوڄراڄ هوتچند ناگرائيءَ جو تيار ڪيل ايڊيشن گهڻي اهميت رکي ٿو. هِن ٽن ڀاڱن ۾ اُهو ڇاپو بمبئيءَ مان 1955 واري عرصي ۾ ڇپائي ظاهر ڪيو، جنهن ۾ ڪل 2327 سلوڪ ڏنل آهن. هن وقت ساميءَ جي سلوڪن جو وڏي ۾ وڏو سنگرهہ (مجموعو) ديوناگري اکرن ۾ آهي، جيڪو سيٺ پرسرام پارومل بمبئي مان ٽن ڀاڱن ۾ شايع ڪيو هو. اُن ۾ ڪل 4336 سلوڪ ڏنل آهن.

ڊاڪٽر مرليڌر ٻڌايو تہ سنڌي ساهتيہ جو وڪاس (واڌارو) پڻ گهڻي قدر ٻين هاڻوڪين ڀارتيہ آريہ ٻولين جي ساهتيہ وانگر ٿيو آهي. انهيءَ ۾ پندرهين عيسوي صديءَ تائين ويرتا ۽ پريم جي گاٿائن (ڪهاڻين) جي ڌارا مکيہ رهي آهي. سورهين عيسوي صديءَ کان وٺي 1843ع ۾ انگريزن جي حڪومت سنڌ ۾ برپا ٿيڻ تائين سنڌي ساهتيہ ۾ ڀڳتي ڪاويہ (شاعري) ڌارا جو زور رهيو آهي. اُن جون مکيہ شاخون بہ آهن: صوفي ڪاويہ ڌارا ۽ گيان مارگي ڪاويہ ڌارا (ويدن جي اثر هيٺ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪبيرا ونءُ ٻُلائيا، پڪڙڪي ديکي ٻانهن
ونءُ نہ ويدن جاڻئہ، ڪڙڪ ڪريجي مانهن.
(ڪبير)

انڌا اونڌا ويچ، ڪل ڪڃاڙو ڪانئين
اسان ڏکي ڏيل ۾، تون پيارئين پيچ
(شاهہ)

ڪاڍِ ڪليجا مٿن ڏرون، ري ڪوُئا! تولي جاءِ
جيانَ ديسان مارو پيوُيسي، وي ٻکئہ تُوڪاءِ
(ميرا)

ڪيڍي ڪانگا تو ڏيان، هنيو ساڻ هٿن
وڃي ڪاءُ ولائت ۾، اڳيان عجيبن
پرين مانَ چوَن، تہ هيءَ قرباني ڪير ٿي.
(شاهہ)

سب رگ تانت، رباب تن، بره بڄاوءِ نت
اور نہ ڪوئي سُڻ سڪئہ، ڪئہُ سائين، ڪئہ چتِ
(ڪبير)

رڳون ٿيون رباب، وڃن ويل سڀڪنهين،
لڇڻ ڪڇڻ نہ ٿيو جانبَ ري جٻاب.
(شاهہ)

نئنون اَنتر اَوَتوُ، نئن جهانپ توءِ ليئہُ
نا مئن ديکون اوُر ڪو نا توهہِ ديکڻ ديئہُ
(ڪبير)

اکين ۾ ٿي ويهہ، آءٌ واري ڍڪيان
توکي ڏسي نہ ڏيهہ، آءٌ نہ پسان ڪي ٻيو
(شاهہ)

پاني ڪيرا ٻُد ٻُدا، اَسن مانس ڪي جاتِ
ايڪَ دنان ڇِپَ جانهنگي، تاري جيون پرڀاتَ.
(ڪبير)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

راتيون گذري ويندي ۽ جھٽ پٽ صبوح ٿي ويندي، پوءِ تون پڇتائيندين تہ رات اجايا ماٺا ڪندي، وڃائي ڇڏيم.)

ڊاڪٽر مرليڌر جي پيپر ڪانپوءِ دبئي کان ڪَهي آيل ڊاڪٽر موتي پرڪاش اسٽيج تي آيو، جنھن پنھنجو مقالو ’شاھہ، سچل ۽ سامي جي شعر ۾ انساني قدرت‘ پڙھيو. موتي پرڪاش چيو تہ شاھہ، سچل ۽ سامي ٽيئي شاعر ھڪ ئي ويچار جا شاعر آھن، جي مذھب، رنگ ۽ نسل جي فرق ۽ ڀيد کان آجا ھئا. سنڌي شاعريءَ ۾ مان ۽ تون جو ڪوبہ فرق نٿو ملي. ڪين ھر جيوَ ۾ ھڪ ئي صورت نظر آئي ھئي. شاھہ ۽ سچل جيءَ ڪلام ۾ ڪرشن، رام، سيتا، ھنومان، ڏھيس، برھمڻ، گنگا، گرنار، جٽائن، جٽئي، تلڪ، ڀڀوت، مرلي ۽ ڀسم جو بيان ملي ٿو. ھن ڪن- ڪٽ، ڪاپڙين، جوڳين، بيراڳن، سامين، لاھوتين ۽ نانگن جو بہ ذڪر ڪيو آھي.

موتي پرڪاش ٻڌايو تہ پنھنجيَ ديس ۽ پنھنجي ڌرتيءَ سان لڳاءُ ھر انسان جي فطرت آھي. ھن جو جنھن ڌرتيءَ تي جنم ٿئي ٿو، جنھنجو اُپايل اَنُ کائي ٿو ۽ جنھنجي ھوا ۾ ساھہ کڻي ٿو، تنھن سان محبت، ماءُ سان محبت ڪرڻ جي برابر آھي. اِھو جذبو شاھہ ۽ سچل مارئيءَ جي ڪردار وسيلي اُڀاريو آھي. مارئي ملير- جائي آھي. مارئي ۽ مارُن جو ڪاج ڏٿ، ڏنڀرا، پلر ۽ پسيون آھن. عمر جي ڪوٽ ۾ رھندي ھوءَ زربفت ۽ ڪيمخواب، زري ۽ زيورن پھرڻ جون آڇون ٺوڪاري ٿي ڇڏي. ڪٿو ۽ لوئي کيس پيارا آھن، ڇاڪاڻ تہ اھي سنديس ٿر جا اوڇڻ آھن.
”جيئن ڳنييون منجھہ ڳنڍير، تيئن مون من ماروئڙن سين.“

بمبئي مان نڪرندڙ وڏي ۾ وڏي سنڌي اخبار ’ھندستان‘ ۾ ڇپيل ڊاڪٽر موتي پرڪاش جي پڙھيل پيپر جا ڪجھہ ويچار اجھو ھن ريت آھن: ”شاھہ، سچل ۽ ساميءَ جي شاعريءَ تي سنڌي ادب جي پارکن گھڻو تڻو سندن ئي شعر جي روحاني پھلوءَ تي روشني وڌي آھي، پر سندن شاعري جي اندرين تھن ۾ وڃي اُن جي روح ۾ جھاتي نہ پاتي آھي. ويجھڙائيءَ ۾ ڪن نقادن گڏجي، پيسيل پيچرن کي ڇڏي، سندن شاعريءَ جي ھِن لڪل پھلوئن کي اجاگر ڪيو آھي. ھر ادب ۾ ائين ٿيندو آيو آھي. ھڪ دؤر جو نقاد ھئي دور جو اھڙو نقاد نڪري ٿو، جيڪو پنھنجي سُرت ۽ سوجھيءَ سبب ويچار ۽ نظريي سبب پنھنجي ماپن ۽ ڪسوٽين تي ادب جي اُھا پرک ڪري ٿو، جو ھِن کان الڳ ٿي بيھي ٿو. ھن نشست جي صدارت مانواري ڪيرت ٻاٻاڻيءَ ڪئي.

موھن ڪلپنا موتي پرڪاش جي مقالي جي واکاڻ ڪندي، چيو تہ موتي ڏاڍي محنت ڪري حوالا ڏنا آھن. پر انساني قدر جو مفھوم ڪجھہ منجھائيندڙ آھي. قدر ڇا آھي؟ ان لاءِ شاھہ جي شاعريءَ جي حوالي سان قدر جي واضح وصف ڏيڻ گھربي ھئي. موتيءَ جي پيپر تي ڳالھائيندي، سڪايل بہ لڳ ڀڳ موھن ڪلپنا واري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڳالهه ڪئي تہ اُهو ڪهڙو انساني قدر آهي، جيڪو موتيءَ ظاهر ڪرڻ گهريو آ؟ ارجن شاد چيو تہ موتيءَ جو پيپر هڪ علامتي پيپر آهي.

موتيءَ پنهنجي پيپر جي باري ۾ چيو تہ پيپر ۾ مڪمل نہ، پر ڪن قدرن جو ذڪر ٿيل آهي. هِن قسم جي موضوعن تي ڪتاب لکي سگهجن ٿا. موتيءَ چيو تہ هتي انسان جا سڀ قدر نہ ڄاڻايا ويا آهن، پر ڪي قدر. موتيءَ ٿيل تنقيد جي روشنيءَ ۾ فراخدليءَ سان چيو تہ هيءَ هڪ مقالو آهي، جنهن کي تنقيد جي روشنيءَ ۾ سڌاري، وري نئين سر لکي سگهجي ٿو.

ڪيرت ٻاٻاڻيءَ چيو تہ انسان وڏي عظمت وارو آهي. هيٺ ڪريل کي مٺي ڪٽڻ انسان جي وڏي عظمت آهي. هيءَ ٻيٺڪ ۾ پڙهيل طارق ۽ تاجل جي مقالن تي ڳالهائيندي، ڪيرت چيو تہ اسان ٽن سؤ سالن کانپوءِ چئون ٿا تہ شاهہ، سچل ۽ ساميءَ جي اڄ جي يُگ ۾ وڏي اهميت آهي. سهڻي ڏهوڪي زماني ۾ روايتن خلاف بغاوت ڪندي، پار اُڪري وڃي ميهار سان ملي ٿي. ايڏو انقلاب! روايتن خلاف ايڏي بغاوت!! سو بہ اڄ کان ٽي سؤ سال اڳ. جڏهن تہ اڄ جي جيئري جاڳندي تصوير آهي. سهڻي پنهنجين ساهيڙين کي چوي ٿي تہ جيڪڏهن اوهان منهنجو ميهار ڏسو ها تہ توهان پنهنجن گهوٽن جا پاسا ڇڏي، ميهار پٺيان روانيون ٿيو ها. ان کان وڌيڪ ڪهڙو انقلاب ٿيندو آ؟ ڪهڙي انقلاب جي تبديلي ٿيندي آهي؟ ڪيرت وڌيڪ چيو تہ هڪ پاسي ملن ۽ مولوين جو راڄ آهي تہ ٻئي پاسي وڏيرو ۽ جاگيردار عوام تي چهبڪ ٿو وسائي ۽ ان ماحول ۾ سچل ٿو چوي: 'هندو مومن ناهيان، جو ٿي آهيان سوئي آهيان' يا 'ڪُٽ ملان جي ٺوڙهہ' يا 'ڪعبو قبلو مور نہ ڄاڻا، منهنجو شهر درازا' (لڳي پيو تہ اُهو ڪيرت نہ پر سانوڻيءَ جو درياهہ هو، جيڪو جاڏي وڃيس پيو تاڏي اُٿلي پٿلي ٻوڙ ٻوڙان لايون بيٺو هو.)

پوپٽي هيرانندانيءَ صدارتي تقرير ۾ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندي چيو تہ شاهہ ۾ اهڙي ڪا ڳالهہ ڪانهي، جيڪا سنڌ ۾ ناهي. شاهہ وٽ اوچي طبقي جي استري بہ آهي ۽ پورهيت طبقي جي عورت بہ. شاهہ وٽ مومل سان گڏ ڪنياڻ بہ آهي. پوپٽيءَ ادب جي گم ٿي ويل خزاني کي هٿ ڪرڻ تي ڳالهائيندي ٻڌايو تہ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سمونڊ جي معنيٰ لاءِ ڪوجنا ڪندي، جاوا سماترا پهتو هو.

سيمينار جي ٽين ۽ آخري ٻيٺڪ جي صدارت ڊاڪٽر ستيش روهڙا ڪئي، جنهن ۾ گوورڌن ڀارتيءَ جو مقالو "شاهہ، سچل، ساميءَ جي شاعريءَ ۾ هڪ جهڙائي." سندس ناچاڪائيءَ ڪري هِي مقالو اجمير کان آيل ڪملا گوڪلانيءَ کان پڙهايو ويو، جنهنجي بحث ۾ ڪيترن ئي اديبن ۽ پارکن ڀاڱو ورتو.

پهرينءَ نشست ۾ پڙهيل دلگير جي پيپر تي ڳالهائيندي، آتم چيو تہ اسانجي ٺمورتي سنت ڪوين شاعريءَ وسيلي جيڪا هلچل هلائي هئي، اُنجو اڀياس ڪنداسين تہ معلوم ٿيندو تہ منجهن دين ۽ ڌرم جو ڪوبہ فرق يا وڌ- گهٽائي

soorhsindhiadab



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪانه هئي. ڪبير، ميران، تلسي، ڪاليداس، گرو نانڪ ڪانوڻي ساميءَ تائين اهو مذهبي متڀيد رڳو ڪتر مُلن، مولوين ۽ پنڊتن ڦهلايو هو. برهمڻ ۽ اُتم ذات وارن جيو ته ايشور فقط سندن ئي آهي ۽ عام ماڻهوءَ جو ناهي. اُتم چيو ته هنن ٽنهي مها ڪوين جي اجوڪي زماني ۾ اهميت هڪ جيتري آهي، جن عالمي برادري ۽ امن جو پيغام ڏنو آهي. هن ڏس ۾ اُتم چيو ته هندو ۽ مسلمان جا لفظ جيترا ساميءَ ڪتب آندا آهن، اوترا شاهه به ڪتب نه آندا آهن.

پهرين نشست جي صدارتي تقرير ۾ پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ چيو ته سوَ سال جي عبادت کان ڪنهن درويش وٽ هڪ گهڙي گهارڻ وڌيڪ بهتر آهي. نند جويريءَ چيو ته سنڌ جي شاعرن، عالمن ۽ نقادن شاهه کي فقط مسلمانن جو شاعر ڪري پيش ڪيو آهي ۽ ائين شاهه کي ننڍو ڪري، ڏيکاريو ويو آهي، جڏهن ته شاهه پوري دنيا جو شاعر آهي، انقلاب جو شاعر آهي، تبديليءَ جو شاعر آهي. نند چيو ته سنڌ جي جن اديبن شاهه کي فقط مسلمانن جو شاعر ڪوٺيو آهي، اُهي اُتم ۽ اياز جا گهاٽا دوست آهن. هال ۾ زوردار مطالبو ڪيو ويو ته سنڌ جي اُنهن اديبن جا نالا ٻڌايا وڃن، جن شاهه کي فقط مسلمانن جو شاعر ڪوٺيو آهي.

نند جويري سيمينار ۾ شريڪ ٽيندڙن جي پُراسرار مطالبي تي نالا ٿو ٻڌائي: سائين جي- ايم سيد، عبدالقادر جوڻيجو، ظفرحسن، ظفرڪاظمي، علي احمد بروهي، تنوير عباسي ۽ خود اسٽيج تي ويٺل شيخ اياز. (نند جويريءَ هن ڏس ۾ اهڙي ڪابه لکت ۾ ثابتي يا ڪو حوالو پيش نه ڪيو. جنهن مان چئي سگهجي ها ته مٿي ذڪر ٿيل ادبي شخصيتن شاهه کي آفاقي شاعر بدران فقط مسلمانن جو شاعر سڏيو آهي.) دهليءَ کان آيل شاعر، نقاد ۽ محقق هيري ٺڪر تاجل جي مقالي کي واکاڻ سان گڏ طارق اشرف جي اُٿاريل سوالن کي ڏاڍي اهميت ڏني.

ڊاڪٽر مرليڌر جي مقالي تي ڳالهائيندي، گوبند مالهيءَ چيو ته، شاهه کي اُن زماني کان وٺي هن زماني تائين وڏي اهميت آهي، شاهه پوري ڌرتيءَ جو شاعر آهي. سندس پيپر تي ڳالهائيندي، تاجل بيوس چيو ته، اجوڪي خلائي دور (Space- life) ۾ ڊاڪٽر صاحب روحانيت جا ڪجهه نسخا به تجويز ڪيا آهن، جيڪو اديب جو غيرترقي پسند رويو (Non- progressive approach) آهي. تاجل بيوس چيو ته، اڳ ۾ مادو (Matter) آهي ۽ پوءِ روح. تاجل ڊاڪٽر مرليڌر جي مقالي جي واکاڻ ڪندي ائين به چيو ته ڊاڪٽر صاحب هڪ ڪتاب لکڻ جيڏي ڪوجنا ڪئي آهي. ننڍي ڪنڊ جي اَساسي (ڪلاسيڪي) شاعريءَ کي باريڪ بينيءَ سان اُٿلائي پٿلائي هن قسم جو مقالو لکڻ هرڪنهن محقق جي وس جي ڳالهه ناهي.

مٿي ڄاڻايل اديبن ۽ پارکن کانسواءِ ٻين به ڪيترن ئي چونڊ جي عالمن، اديبن ۽ نقادن تنقيد ۾ حصو ورتو. جن کي مان سچائي سگهيو آهيان، اُهي هن ريت آهن: ستيش روهڙا، گنو سامتاڻي، اشوڪ شيوڪاڻي، هريش واسواڻي، ارجن حاسد ۽ چندو لعل جئسنگهاڻي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# انڊو- سنڌ مشاعرو

هند ۾ ورهاڱي کانپوءِ پروفيسر رام پنجواڻي لٽريري اينڊ ڪلچرل سينٽر، بمبئيءَ طرفان سيتا سنڌو ڀون ۾ سڏايل هي پهريون سيمينار هو، جنهنکي سينٽرل هندي ڊئريڪٽوريٽ، ساهيتہ اڪيڊمي، مهاراشٽريہ اڪيڊمي، راجستان سنڌي اڪيڊمي ۽ گجرات سنڌي اڪيڊمي جي مجتا ۽ سهڪار حاصل هئي. هن سيمينار جي شامن ۾ ڪلچرل پروگرام (راڳ رنگ جون محفلون) ٿي پيش ڪيو ويو. جن ۾ سنڌ جي ٻن فنڪارن استاد فيروز گل ۽ زرينہ بلوچ سميت هند جي ارڙهن (18) فنڪارن ٻُڌل ۽ اڻ- ٻڌل ڪلام پيش ڪري محفل کي جهومائي مست ڪري ڇڏيو. هند جا فنڪار هئا: سي لڪميچند، رتنا هندوجا (پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي نياڻي) رميش راجپال، ڀڳوان چاولا، ڏيون ڀوڄواڻي (سيتا سنڌو ڀَون جي ڪلا- گهر ۾ ڏيون ڀوڄواڻيءَ جي چترڪاري ڏسي مڃڻو پيو تہ هي ڪلا- گهر سنڌ مان ٺي ڇڪي ڪٽي سنڌو ڀون ۾ پڇايو ويو آهي، جيڪو يوناني ديو مالائي ادب وانگر ڪنهن ديو جو ئي ڪارنامو ٿي سگهي ٿو) سشي آهو جا، نارائڻداس ڪوٽڪ، پارُو چاولا (سيمينار جي ڪنوينر ۽ ٽماهي 'سپون' جي ايڊيٽر شري ٺاڪر چاولا جي رفيقِ حيات) سترام روهڙا، مدُو شهري، نيها چاولا، ببيي لتا، ڪشن جهورائي، دشنت آهُوجا، گهنشام واسواڻي ۽ ڪاجل ڪيو لراماڻي (دادا رام پنجواڻيءَ جي ڏوهٽي). هنن محفلن ۽ سيمينار سان واسطو رکندڙ اَجياڻ ۾ ڪي اهڙا موڙ بہ آيا، جن ۾ هند سنڌ جا اديب- ڪيرت ٻاٻاڻي، موتي پرڪاش، ارجن شاد، تاجل بيوس، پوپٽي هيراننداڻي، شُوڀا، زرينہ بلوچ ۽ ٻيا- مستيءَ ۾ سرشار ٿي جهومڻ لڳا هئا. مون اهڙا ڪلام ڪافيون بہ ٻڌيون، جيڪي اسان وٽان گم ٿي چڪيون آهن (پارو چاولا هن ڏس ۾ هڪ واکاڻ جوڳو ڪوجناڻي ڪم ڪيو آهي، جو هن "رڪ جهُولڻ تي" ڪتاب ترتيب ڏئي، اهڙي املهہ خزاني کي سهيڙي سموهي، وقت جي اُڏوهي، تِڏن ۽ سُرني جي کاڄڻ کان بچائي ورتو آهي) جڻ تہ لڏپلاڻ وقت هندن سان گڏ اُهي ڪلام بہ جلاوطن ٿي ويا هئا. جيئن سنڌي ٻوليءَ جا ڪيترائي لفظ هن وقت اڻ- لڀ آهن. سنڌ مان هندو تہ ويا، پر سنڌيءَ جا اڪيچار لفظ ۽ محاورا بہ جلاوطن ٿي ويا. هند جي اديب دوستن (خاص ڪري جهونڙا اديب جيڪي سنڌ ۾ ڄاوا نپنا) سان ڪچهرين دوران ڏاڍا سُرل ۽ سندر لفظ سامهون آيا. ڪجهہ لفظ



soorhsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# هند جا سنڌي ۽ سنڌ جي ڀڳتي ٻولي

ٻولي، ثقافت ۽ ڌرتيءَ جو رشتو ڌرمي رشتن کان مٿاهون هجي ٿو. جيڪو هزرادو ڪيڏيل ليکن، لکيرن، دائرن ۽ سرحدن کي قبول ڪرڻ بدران ڪين ڊاهڻ واري عمل ۾ يقين رکي ٿو. ٻوليءَ جي بنياد تي قومن کي هڪ ئي زميني پٽي (Earthen belt) تي آباد ڪرڻ ۾ ملڪي اتحاد توڙي ثقافتي رشتا مضبوط ۽ اٽوٽ ثابت ٿين ٿا. قديم لاطيني رهواسي هڪ ئي پٽي تي يا ڌرتيءَ جي ساڳي ٻڳهي- ويڪري خطي پرسان رهندا هئا. عربي توڙي فارسي زبان ڳالهائيندڙ قومن کي ڏٺو ويندو تہ اُهي قومون صدين کان هڪ ٻئي جي ويجهڙائيءَ ۾ ئي رهن ٿيون. سنڌ کانپوءِ سنڌين جي اڪثريت ڀارت ۾ آهي. سنڌ ۾ اٽڪل ٽي ڪروڙ ۽ ڀارت ۾ پنجاهہ لک کن سنڌي رهن ٿا. ٻوليءَ جي ڦهلاءَ، ادب ۽ سماجي ڳانڍاپن کي ڪنهن ٻئي ملڪ جي ساڳي ٻولي ڳالهائيندڙن سان ڀيٽڻ کان پوءِ ئي ڪو لاڀائتو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو. ورهاڱي کانپوءِ سنڌ ۾ تخليق ٿيندڙ ادب ڪٿي پهتو آهي ۽ هند ڏي لڏي ويل سنڌين ڪٿان کان شروعات ڪئي ۽ هن وقت ارتقائي منزلون طئي ڪري اُتان جو سنڌي ادب ڪهڙين بلندين (HEIGHTS) کي ڇهي ٿو؟ اهو سڀ ڪجهہ اسانکي تڏهن معلوم ٿي سگهندو جڏهن اُتان جي ادب کي هِتان جي ادب سان ڀيٽينداسون. اسان پنهنجي تاريخ تي نظر وجهنداسون تہ اسانکي پنهنجا قومي هيرا، شاعر، سورما، شارح ۽ تاريخدان ساڳا ئي ملندا، جيڪي مذهب جي قيد بند کان مٿيرا ۽ ٻوليءَ جي رشتن سان واڳيل آهن. جنهن ۾ نہ مسلماني درڪار آهي ۽ نہ جڻيو پائي رام رام ڪندڙ هندو هئڻ ضروري آهي. شاهہ، سچل، سامي، بلاول، هيمون، شاهہ عنايت، ڪنور رام، قاضي قادن، شاهہ ڪريم، نانڪ، چندر، دلپت، نارائڻ شيام ۽ شيخ اياز جهڙن شخصيتن کي اسان زميني ورهاڱي وانگر تقسيم نٿا ڪري سگهون، ڇاڪاڻ تہ ٻولي ۽ ثقافتي رشتي ڪري اِهي شخصيتون اسانجو ڪڏيل ورثو آهن. اسان (سنڌ ۽ هند جا سنڌي) هڪ ئي وڻ جو ٻُورُ، ٻُنگ، پن، گل- ٻاٽيون ۽ ميوو آهيون. اسان کان ڪو زمين تہ کسي سگهي ٿو، پر دلين جا ورهاڱا نٿو ڪري سگهي. بمبئي ۽ بکر جو سنڌي هڪ ئي وڻ جي لام تي ٻہ گل آهن. ٻوليءَ جو رشتو عظيم رشتو آهي. ٻولي ڪنهن لاوارث جو لاش ناهي، جنهن کي ڪڏ ڪٿي پوري ڇڏجي. ٻولي ريگستان جو وڻ ناهي، جنهن کي واءُ اکوڙي واريءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جي ڍير ۾ پوري ڇڏي.

سنڌ جا هندو پنهنجن ابن ڏاڏن جي ماڳن ۽ مڪانن مان وڻ وانگي اکوڙجي جڏهن هند پهتا ته هند جون اکيچار ٻوليون ۽ ثقافتون ڏسي، ڏک درسي (PESSIMIST) ٿي پيا. ڪيترن پاڻ کي وڻ ۾ اُبتي لٽڪندڙ طوطي وانگر محسوس ڪيو. گهاٽيءَ وڻڪار ۾ هڪ پن يا گل- ٻاٽيءَ جي ڪهڙي حيثيت! ڪين ساڳي ئي ٻڙ جي ڪنهن شاخ تي بسيرو اڏيو هو. ڪهڙي خبر ته وشال سمونڊ ۾ ڪو اهڙو جيو به آهي، جيڪو ننڍن ٻانهون ڪنراڻي ڇتين ڇولين سان مٿو ٽڪرائي رهيو آهي! هڪ بي وطن ماڻهو، ڪوڪلو ماڻهو. اندران ئي اندران ڪاڏل، ٻڳل ٽٽل، ڀُريل ۽ هيسايل ماڻهو. جيڪو وجود هوندي بي وجود پيو سڏجي: The man was never (اهو ماڻهو جنهن جو وجود ڪين هو) پر ڪي اهڙا به سچيت هئا، جيڪي پنهنجي حال کان مايوس هئڻ جي باوجود به پنهنجي آئيندي کان پُراميد هئا. ڪي اهڙيون مائرون به هيون، جن جي ڇاتيءَ جو کير سُڪتو ڪين هو. ڌرتيءَ کان بي وطن ڪيل ٻچڙن جا اُهي پيءُ- ماءُ ٻوليءَ جي وکريل، ڀڳل ٽٽل موتين کي سميٽڻ ۾ لڳي ويا. موج متي مهراڻ ۾ طوفان ٻيڙيءَ کي پرزا پرزا ته ڪري ڇڏيو هو پر پوءِ به ڪاريءَ رات ۾ ڇڪڻ جي ڇوهول ۾ ڪُنن سان مقابلو ڪري، هٿوراڙيون هڻي ڀڳل ٽٽل ونجهه، وڻا، سُڪاڻ، اَڏون، مُونا، سڙهه، ٻانبڙيون، رَس، ڪَرس ۽ ٻچهه هٿ ڪرڻ ۾ لڳي ويا.

ملڪ جي ورهاڱي سنڌين کي ڪاپاري ڌڪ هڻي به اڌ ڪري ڇڏيو. اهڙيءَ حالت ۾ ڀارت جهڙي گهڻ- ٻولين (MULTI- LINGUAL) واري ديس ۾ اجنبي ٻڻجي وڃڻ ڪانپوءِ ابي- ڏاڏي جي ٻولي بچائڻ ڪا ٻاراڻي راند ڪانه هئي. هي ورهاڱو فقط سياسي ورهاڱو ڪين هو پر ڪرشن کنواڻيءَ جي ويچارن مطابق من ورهاڱي ۾ ٻيا به انيڪ ورهاڱا سمايل هئا.

ٻني جي ماڙي ڏسي، پنهنجي ڀونگي ڍاهي ڇڏڻ بدران ڪارو ڪچ ڪُڏي، هر ڪو جلاوطن ڪيل سنڌي پنهنجي ڪکائين اُجهي اَڏڻ ۾ لڳي ويو. پيٽ به ڀرڻو هو ۽ ٻوليءَ کي به بچائڻو هو. ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي چواڻيءَ: 'جنهن کي جيئڻ جو ڏانءُ هوندو آهي، سو هر طوفاني دؤر مان جهاڳي وڃي مٿي چڙهندو آهي.' ڀارت جا سنڌي به جيئڻ سکيا هئا، پوءِ ڇو نه ڀڳڙن لپ ڪائي، پاڻيءَ جو وٽو پي اوگراڻي ڏئي، جياپي جي جنگ لڙڻي پوي. ڀارت جي هندن سمنڊ جهڙي اونهي ۽ ويڪري ڀارت ملڪ ۾ جيڪي ڏک ڏٺا، سي بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهن. هيري ٺڪر ۽ لڇمڻ ڪومل جي زبانيءَ اِهي قصا ۽ ڪهاڻيون ٻڌي منهنجي دل ڀاڻيءَ جي ڦوٽي وانگي ڦِسي پئي هئي. هيري ٺڪر ٻڌايو ته قومون پنهنجي ماضيءَ کي نه لِڪائينديون آهن. ماضي ڀلي لنگهڻ ڪاٽيندي گذريو هجي، پر اُن ماضيءَ کي وسارڻ، ڌرتيءَ سان غداري آهي. اکئين اَب آٿيندي، هيري ٻڌايو ته الهاس نگر ۾ هُو ڪلفيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

شامل آهي.

مون کي هٿ آيو ويو تہ هند جي ڏهن اديبن ارجن شاد، چندو لال جئسنگهاڻي، نارائڻ ڀارتي، موتي پرڪاش، موتي لعل جوتواڻي، سنت داس جهانگياڻي، موهن لعل شرما، مرليڌر جيٽلي، پرسو گدواڻي ۽ شيلا موٽواڻي، سنڌيءَ ۾ پي- ايچ- ڊي ڪئي آهي. اِن ڪانسواءِ ديال آشا، ستيش روهڙا، مرلي ڀاوناڻي، سندري پرچاڻيءَ سنڌيءَ جي مختلف تحقيقي مقالن تي ڊاڪٽريٽ ڪئي آهي.

هِن ٻهڳتي ٻوليءَ کي مالا مال ڪرڻ لاءِ مرڪزي سرڪار جي تعليم کاتي پاران هندي- سنڌي ڊڪشنري ڇپرائي وئي آهي، جيڪا ڊاڪٽر جيٽلي ۽ ڊاڪٽر روهڙا واريءَ ٽن زبانن- هندي، سنڌي ۽ انگريزي لغت کان هڪ ڏار لغت آهي. اسان ڏسون ٿا تہ هِن قسم جون تحقيقي ۽ تخليقي سرگرميون ڀارت ۾ ڳالهائيندڙ سنڌي ٻوليءَ جي کيت ۾ نون مکڙين ۽ گلن جو اضافو ڪنديون رهن ٿيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# ادب جي ٽن گلن

## موٽئي (گوبند) مکري (اُتم) ۽ گلاب (ڪيرت) جو شهر، بمبئي.

ساڳي ڏکڻاري بمبئي، جنهن ڪان موٽ، ڪلا جو ٽٽي رام پنجواڻي ۽ ڪلا جي ديوي ڀڳونتي ناواڻي ڪسي ورتي هئي. اُها ساڳي بمبئي، جنهن ٽيتاليهن سالن جي وڇوڙي ڪانپوءِ ٻهريون دفعو هند- سنڌ جي تخليقڪارن ۽ ڪلاڪارن کي سيتا سنڌو ڀون جهڙي جڳمڳائيندڙ اُڃنگر ۾ هڪ ٻئي سان ڳل لڳي ڳراٽڙيون پائيندي ڏٺو.

منهنجي سامهون وِشال سمونڊ هو، جيڪو اپ جو حصو ٿي لڳو، جنهن کي ڪينچيءَ سان ڪاٽي، ڄڻ ڪنهن ڌرتيءَ سان ٽاڪي ڇڏيو هو. سچَ غواص وانگر سمنڊ ۾ غوطو هڻي، ڪُر ٿي چڪو هو. بلبن ۽ رابن جي جهڳمڳ بمبئي کي ڪنوار وارا سورنهن ئي سينگار ڪرايا هئا. اسان گيٽ وي آف انڊيا وٽان گذري، ڪملا نهرو پارڪ ڪان مهاراڻيءَ جي چندن هار (Queen's Necklace) جي درشن لاءِ چوپاٽي ڏانهن نظرون ڦيرايون، جتي جل- ديوي ستارن جو هار پايون بيٺي هئي، جنهن کي چنڊ ٽڪ ٻڌي مٽان ڏسي رهيو هو. ميرين ڊرائيو ۽ چوپاٽيءَ جي سامونڊي روشنيءَ سان اکيون جرڪائيندا، اسان هلندا رهياسين. بمبئي شهر ۾ جپان جي ٽوڪيو، هانگ ڪانگ جي ڪولون، فرانس جي پئرس، انگلستان جي لنڊن ۽ سنڌ جي ڪراچيءَ وانگر سامونڊي ڪناري تي آباد آهي، جيڪو ٽن پاسن کان سمنڊ سان گهيريل آهي. سندس غريبن ۽ اميرن جي بستين ۾ سانتاڪروز، ڪولابا، چوپاٽي، ميرين ڊرائيو، جوهو ڪار، باندرا، سيتا سنڌو ڀون، ماهيم وغيره اچي وڃن ٿيون. منهنجيءَ ڏيٺ ويٺ مان لڳو هو تہ سنڌي گهڻو ڪري ڪار، ماهيم ۽ باندرا ۾ رهن ٿا. پروفيسر رام پنجواڻي ڪلچرل اينڊ لٽريري سينٽر سيتا سنڌو ڀون ۾ واقع آهي، جيڪو سرڳواسي رام پنجواڻيءَ جي پرت ۽ پورهئي جو ڦل آهي. هن مرڪز کي هڪ عاليشان 'ڪلا- گهر' جو درجو حاصل آهي. پنهنجي تشخص، حيثيت ۽ ڪارنامن جي روشنيءَ ۾ هي اُهو ڪلا- گهر آهي، جنهن تي نئين وقت جو نئون 'ناٽيہ شاستر' لکي سگهجي ٿو. چيني چنڊ کي 'سنڌيت جو ڏينهن' ڪري ملهائڻ جو سهرو پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي سِر ٿو سونهين. ڪيس 'سنڌين جو سفير' هئڻ جو شرف حاصل آهي. 'آيو لعل، جهولي لال' جو نعرو ڏيندڙ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

۽ رام پنجواڻي آهي، جنهن کي هند جي اعليٰ سرجڻهار موهن ڪلپنا خداوادي ليکڪن- هوند راج دکايل، هري دلگير، پرسرام ضياءَ، پريو وفا ۽ ديال آشا واري لڙهيءَ ۾ پوئي چڙهيو آهي. مان تہ ائين چوندس تہ هن وقت اهو نعرو ڀارت ۾ وسندڙ هر سنڌيءَ جو نعرو بڻجي چڪو آهي، جنهن ۾ ترقي پسند، رومان پسند، جدت پسند توڙي انهن ٽنهي دوڙن مان جنم وٺندڙ لوڪ پسند ليکڪ ۽ ليکڪائون بہ اچي وڃن ٿا. پلا جيڪڏهن اِن نعري سان سنڌي مڙي چوندجي هڪ پليٽ فارم تي اچي ڪٺا ٿين، سنڌ ۾ وچايل تشخص جي ٿوري گهڻي تلافي ٿئي تہ پوءِ اهو نعرو هڪ دفعي بدران ڏهہ دفعا هڻڻ سان ڪهڙو نقصان ٿيندو؟ اسان سنڌ ۾ مينهن وسندي پيچ پٽائي ۽ جهولي لعل جهڙا نعرا هڻي سڪر سٽائيءَ کي آجيان ڪندا آهيون.

'اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا' هند جي سنڌين جي اُها سڀا آهي، جنهن 'سنڌيت جي ڏينهن' ملهائڻ کي ڀارت جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچايو. هن سڀا سميت پندرهن سنستائن گڏجي 2 نومبر 1990ع تي شام جو ڪار ۾ واقع ديا ونتي ٽيڪمداس هال ۾ اسان سنڌ وارن جو ڀيڪيدار سواگت (آدر ڀاءُ) ڪيو، جنهن ۾ سنڌ کان آيل اديبن جي تعارف سان گڏ اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جي عهديدارن ۽ هند جي برک اديبن ڪيرت ٻاٻاڻي، گوبند مالهي، ۽ ٻين اسانجو ملهائڻ لفظن سان آدر ڀاءُ ڪيو. اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا ڪانسواءِ هن آجياڻي ۾ ورلڊ سنڌي ڪانگريس، فرينڊس آف انٽرنيشنل سنڌين، جيئي سنڌ، لوڪ سر ۽ الهاس نگر مينو فيڪچررس ايسوسيئشن جو بہ سهڪار شامل هو. هن آجياڻي ۾ اسانکي گلن جا هار، موتين مالهائون، جهوليلال ميڊل، سنڌي پريم منڊل ميڊل ۽ پاڪرون پهرايون ويون هيون. رات جي ماني- پاڻيءَ جي دعوت هند جي پبلشر، سياسي ۽ سماجي شخصيت شري گوبند پنجابيءَ وٽ هئي.

سيمينار ۽ مشاعري ختم ٿيڻ ڪانپوءِ سڀ کان پهريون آجياڻو هوٽل سمراٽ ۾ فرينڊس آف انٽرنيشنل سنڌيز طرفان ڏنو ويو، جنهن ۾ گلن جا هار، موتين- مالهائون ۽ پاڪرون پيش ڪيون ويون. مون پهريون دفعو پنهنجن ڪلهن تي اچون پاڪرون ڏٺيون. ٻڌندا هئاسون تہ ورهاڱي کان اڳ هندن جي زماني ۾ پاڪرون پهرايون ويندديون هيون. لاڏاڻي ۽ لاڏاڻي کان اڳ، مان جيئڻ تہ ننڍڙو هئس، اُن ڪري پاڪر پهرائڻ جي ڪا تقريب نہ ڏسي سگهيو هئس. فرينڊس آف انٽرنيشنل سنڌيز جو روح روان چيئرمين شري نرسنگ گولاڻي ۽ هن سڀا جا ساٿياري مقامي توڙي ٻاهران آيل سنڌين کي جيءَ ۾ جايون ڏيئي، عزت بخشندا آهن.

لوڪ سر (LOK SUR) ڀاران هوٽل نٽراج وارو آدر ڀاءُ تاريخي حيثيت رکندڙ آجياڻو هو. جنهن ۾ لوڪ سر جي صدر، شري ٻي- ايل رتنپال ۽ سيڪريٽري هيري چاولا اسانکي سونهائيندڙ لفظن ۾ ڀليڪار چئي. جپان، هانگ ڪانگ ۽ ٿائيلينڊ ۾ سنڌين جا رچايل جيڪي بہ مون ثقافتي شو ۽ آجياڻا ڏٺا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهن، اُهي لوڪ سر جي هِن آجياڻي جي مقابلي ۾ تڇ برابر هئا. هن آجياڻي ۾ ڀڳت ۽ پلؤ پائڻ ورهاڱي کانپوءِ مون پهريون دفعو ڏٺا ۽ ٻڌا. ڀڳوان چاولا جي ناچ، چير جي چمڪي، راڳي جي آلاپن ۽ ساٿس هيرو چاولا جي سنگت مونکي ته مستيءَ جا جام ٿي پيارِيا. مونيشا چاولا جڏهن "باغن منجهه بهار، موٽ مئا منٺار، ڍولڻ! مورو ويڻي ڏيان" ڳاتو هو ته مون ڪجلي رت ۾ بسنت جي گلن جي ورکا محسوس ڪئي هئي. ڀڳوان چاولا جي ڀڳت ۽ پلؤ پائڻ اسانکي ماضيءَ جا درشن ٿي ڪرايا. اُهو ماضي، جڏهن شادين مرادين، ميلن ملاکڙن، ڏرمي ڏڻن ۽ ڇيٽي چنڊ جي موقعن تي چوڻڪي پيش ڪئي ويندي هئي، جنهن ۾ ڪافيون ڪلام ڳاتا ويندا هئا. پلؤ پائڻ جا ٻول هئا: "ويٺڙي آهيان باغ ۾، باغ گهمڻ ايندو، ڪٿا انب لال سائين، مٺا ڪري ڏيندو." مائيڪ تي ڳائڻ وارا هئا ڀڳوان چاولا ۽ هوندلداس سيناڻي. هند جي هاٿوڪين چوڻڪين ۾ ڪافين سان گڏ لاڏا، اوراڻا، لوليون ۽ وايون بہ ڳاتيون ٿيون وڃن. هند ۾ چوڻڪيون پيش ڪري، رام پنجواڻيءَ ورهاڱي جي سٽايلن ۽ ٽڪويل دلين تي نہ رڳو چنڊا وڌا، پر ايشوُ جاگيردار، سندر سامتاڻي، ٻيبي نرملا، رام اختري، ايسر ۽ ڀڳونتي ناواڻيءَ جهڙي سندر ڳائڻي بہ پيدا ڪئي. پوءِ تہ اڳتي هلي ڪلا هزاري، مايا ايسراڻي، ڪرڏر ميراڻي ۽ ڪملا ڪيسواڻيءَ ميدان مُرڪايو ۽ اهڙيءَ طرح جئپور ۾ گوردن پارتي، دهليءَ ۾ موتيهار برادران ۽ بمبئيءَ ۾ رام پنجواڻيءَ جي آستانن تي سنڌي سنگيت گونجڻ لڳو.

جُويل آف انڊيا (JEWEL OF INDIA) ۽ هوٽل سن اينڊ سئنڊ (SUN- N- SAND) جي ست- رچي طعامن ۽ سوم رس جي ڍڪڻن اسانجي جسم ۾ ضرور رت- ڦڙا پيدا ڪيا هوندا. جويل آف انڊيا هوٽل ۾ مانواري آر- جي آڏواڻيءَ اسانجي رات جي ماني موڪلائي هئي، جنهن ۾ سنڌس گهر جا ڀاتي ۽ اسان شريڪ ٿيا هئاسون.

آر- جي آڏواڻي ڪراچيءَ جو رهواسي هو. ڪراچيءَ ۾ ٽاور ۽ ڪي- پي- ٽيءَ وچ تي جيڪو قمر هائوس آهي سو سندن اڏايل آهي. وڻج واپار جي لحاظ کان آڏواڻي صاحب وڏو تُجار ۽ ڏن دولت جو مالڪ آهي. جنهن جون هند ۽ آمريڪا ۾ واپار جون ڪوٺيون آهن. آڏواڻي صاحب مون کي هڪ الهراسي ۽ الهلوڪ شخص لڳو. پاڻ هن وقت پروفيسر رام پنجواڻي ٽرسٽ جو چيئرمين آهي.

هري موٽواڻي، جيوت چاولا، هيري ٺڪر، اُتم، سندري، نارائڻ پارتي، منوهر بيدي، جگديش لچاڻي، نند جويري، ڪيرت ٻاٻاڻي، ارجن شاد، ٺاڪر چاولا، پارو چاولا، واسديو نرمل، موتيرام ايس- راموالڻيءَ جون رهاڻيون نصيب نہ ٿين ها تہ هوند هي سفرنامو مونکي اڌورو لڳي ها. ڀيڻ ڪملا چاولا ۽ ڪڪي پونم جون خدمتون، شويارام رائچنداڻي جي شيوا ۽ آشا چاند جي رچايل رهاڻ جيڪا پنهنجائپ واري سوغات عطا ڪئي، اُن دل تي 'وساريان نہ وسرن' واري تحرير



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فرنيچر سادو استعمال ڪرڻ، پنهنجي ديس جون ٻهيل ۽ ثقافتي شيون وايرائڻ ۾ ڪين سک ۽ آنند ملندو آهي. مون ڪنهن به سنڌي سيٺ يا مالدار اديب وٽ ايمبسيڊر، فيٽ ۽ پرنس ڪانسواءِ ڪا ٻاهرين ڪار نه ڏٺي.

بمبئيءَ ۾ بس جي سواري ڏاڍي سستي ۽ آٿت ڀري آهي. ڊرائيور کي مجال آهي جو اسٽاپ ڪانسواءِ ڪٿي بس بيهاري! ٻلي کو ٽسينگ جو پٽ هجي، لهڻو چڙهڻو ڪيس اسٽاپ تان ئي پوندو. ٻارنهن (12) ڏينهن ۾ مون ڪٿي به نه ڏٺو جو مسافر ڊوڙندو ڊوڙندو ڪنهن غلط هنڌ تان بس ۾ چڙهيو هجي، يا ڪنهن ڊرائيور سرڪشيءَ جو مظاهرو ڪندي، پنهنجي دوست احباب کي بس بيهاري رستي تان کنيو هجي. نه ڪي ٽرئفڪ جام ٿيندي ڏٺي وئي ۽ نه وري ٻن ڊرائيورن ۽ ڪنڊڪٽرن کي وڙهندي ڏٺو ويو. هتي اسان وٽ خاص ڪري سنڌي غيراڪثريتي بستين ۾ ته قانون کي تيلي ڏني، بسون روڪي ياريون باشيون ملهايون وينديون آهن. پرائي ڌرتيءَ تي اجنبي مخلوق جا اينگا رويا ڏسي، مونکي ته سنڌ جا اصل والي وارث ياد اچي ويندا آهن.

هتي بمبئيءَ ۾ بس ۽ ريل گاڏيءَ جي سواري ايڏي ته سستي ۽ آٿت ڀري آهي، جو ڪار کي ڪنهن حفاظت ڀري جاءِ تي پارڪ ڪري، ڪي ماڻهو بس يا ٽرين ۾ چڙهي، ڪم ڪار لاهي وري اچي پنهنجي ڪار ڪڍندا. شهري قاعدن قانونن جو احترام ڏسڻ ۾ آيو. هرڪو پنهنجي گاڏي (ڪار، ٽرڪ، سوزوڪي ۽ موٽر سائيڪل) سڌي لڪير ۾ هلائڻ سکيو آهي. ٽيڪسي ڊرائيورن کي مسافرن جي مرضيءَ جو احترام ڪندي ڏٺو ويو. هتي ڪراچي (مائي ڪلاچيءَ جي ڦهلايل ڳوٺڙي) ۾ گهڻو ڪري پٺاڻ پنجابي ۽ بهاري ڊرائيورن جي مرضيءَ تي هلڻ ۾ ئي عافيت آهي.

هڪ رات بيگاهه وقت مون ٽيڪسيءَ واري کي اردوءَ ۾ چيو ته بابُو روزوبڊ هوٽل هلندين؟ ڊرائيور اردوءَ ۾ ئي جواب ڏنو: "صاحب! حڪم ڪريو. جاڏي به وٺي هلو، اسان توهانجي خدمت لاءِ ئي ته ويٺا آهيون." مون ڪٿي به ڪنهن ٽيڪسيءَ واري کي ميٽر کان وڌيڪ پئسن جي تقاضا ڪندي نه ڏٺو.

بمبئيءَ ۾ قانوني اجازت آهي ته عورتون ۽ مرد هڪ سيٽ تي ويهي سفر ڪري سگهن ٿيون. مان ۽ طارق اشرف، مري موٽواٽيءَ سان گڏجي ڪيرت ٻاٻاڻيءَ سان ملڻ سندس گهر آدرش- نگر وڃي رهيا هئاسون. بس ۾ رش گهٽ هئڻ ڪري، اسان: مان ۽ طارق بس جي دريءَ کان ڏار ڏار سيٽن تي ويهي، نئين ماحول کي ڏسڻ ۾ لڳي وياسون. هڪ ٻن اسٽاپن ڪانپوءِ هڪ نوجوان دوشيزه، هوبهو پتائيءَ جي ڪاڪ محل واري مومل، هرٽيءَ وارا چال ڏيندي، گوڏو گوڏي ۾ ملائي، اچي منهنجي ڀر ۾ ويٺي. مان ڪينهونءَ وانگي سُسي ويس، ڪڙڪي جاءِ نه ڏني نه ته ٻاهر وڃي ڦهڪو ڪيان ها. دل ڌڙي، ٿوررڙو پاڻ کي ڦهلائي، مون اک- ٽيٽ سان جهنگل جي اُن هرٽيءَ ڏانهن ڏسي ورتو. جنهن جون اکيون ڪير جا ڀريل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪنوراءِ گل، ڪنگا ۽ گلاب جي پاڻيءَ ۾ ڳوٺل پارٽ وزش جي مٽيءَ مان ٺهيل ٿي لڳا. هونءَ به هڪ ته سرڪاري دفتر ۾ ڪم ڪندي، منهنجو جپان، هانگ ڪانگ ۽ ٿائيلنڊ وڃڻ پڻ ٿيو آهي، هيو وري پنهنجو ڳوٺ سنڌوءَ جي ڪناري تي هئڻ ڪري مونکي مڇين ڦاسائڻ جي اٽڪل به آهي، اُن ڪري مان به ٻالم تي ڳوڙهو ڳوڙهي سان ملائي ويهي رهيس. اها جل- پري (MERMAID) مون تي ڳلن جي ورڪا ڪندي، اسانجي اسٽاپ کان هڪ اسٽاپ اڳ لهي وئي. طارق پٺتي مُنهن ورائي راز ني راز ۾ مونکان پڇيو: "ڇهنڊڙي ڪانءَ ڦاٽئيس؟"

بمبئيءَ ۾ اسڪوٽر ۽ موٽر سائيڪل هلائڻ جي مردن وانگي عورتن کي به قانوني اجازت آهي. اسان بمبئيءَ جي مصروف شاهراهه تي پيادل گهمي رهيا هئاسون، جو رنگ برنگي ساڙهيءَ ۾ ليپٽيل هڪ پدمڻي اسڪوٽر هلائيندي، سنگنل بند ٿيڻ تي گهڪو ڏيئي، منهنجي پرسان بيهي رهي. هڪ ته عورت جنهن جي مُنهن مان جوين ٿي ڇٽيو، ٻيو ڳلن سان جنجهيل ٽاريءَ جهڙي، ٽيون وري اسڪوٽر تي ويٺل. بس مان ته سونهن کان وڌيڪ عورت جي آزاديءَ واري جذبي ڪري صبوح جي گلاب وانگر ٽڙي پيس. مان ته سورج- گل وانگر پوريءَ دنيا کان بي نياز ٿي قدرت جي اُن حسين شاهڪار ڏانهن ڏسڻ لڳس. سگنل جي ڳاڙهي بتيءَ کي پٺي ڏئي، زمين تي آيل اُن چوڏهينءَ جي چنڊ پرسان پٺر بڻجي بيهي رهيس. هريءَ چيو: "چوٿو آڱريون چٽين؟" مون هريءَ کي، هريءَ واري ئي انداز ۾ چيو: "ڪئميرا ۾ قيد ڪيانس." هريءَ ورائيو: "اهڙين موقعن ۾ مهلن تي اهي دوشيزائون سئنڊل کي فقط هڪ دفعو استعمال ڪنديون آهن، باقي خدمت اسان مرد ماڻهو ڪندا آهيون."

هڪ هنڌ روڊ تي مهاراشٽر جون عورتون بيٺيون هيون. هڪڙين کي هٿن ۾ ٻُهارا هئا ته ٻين کي گند جون ٽوڪريون. هنن عورتن کي ساڙهيءَ جي پلاند جي لانگ نڪتل هئي، جيئن ورهاڱي کان اڳ هندو سيٺين کي پٺيان ڌوتيءَ جو پلاند ٽنبيل ڏسندا هئاسون. بن مانس مهانڊن واري هڪ عورت کي هٿ ۾ ٻهارو ۽ سندس ٿلهين پنين تي ڪٽر واريءَ گپ جو ليپ لڳل هو ۽ سنديس مهانڊا به مانگر مڇيءَ سان ملندڙ جلندڙ هئا. اُن عورت ڏانهن اشارو ڪندي، هري موٽوانيءَ کان پڇيم: "هري! اِها مانگر- مُنهين تنهنجي ڇا ٿئيءَ؟" هريءَ جواب ڏنو: "اها شب- رنگي اسانجي هڪ اديب جي محبوبا آهي، جنهن جي ناسن ۾ ڳوهه جهڙيءَ ڪل مان اُتساهه وٺي، اسانجو دوست لکندو رهندو آهي."

سوچيو هيم ته اڄ ته هريءَ مان اهڙي موڊ ۾ آهيون جو ننڍي هوندي پڙهيل سبق "پنگي به اسان جهڙو انسان آهي." کي به وساري ويٺا آهيون! اسانجا ته گوري ۽ ڪاري جي برابري وارا پول ئي پڌرا ٿي پيا آهن! اسان هئي: هريءَ مان لالن جي جوڙي ۽ جذبات جا بادشاهه آهيون!!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سرڪار جڏهن هن ناليءَ جي اجازت نه ڏني ته پوءِ ڪيس الهاس نگر نالو ڏنو ويو. گوگيا 'جوت' ٻڌايو ته هتان جي سنڌين ته يُو- ايس- اي (USA) رجسٽر ڪرائڻ جا جتن به ڪيا هئا. عالمي حوالي سان يُو- ايس- اي کي United States of America جي نالي سان ڄاتو سڃاتو ٿو وڃي. پر الهاس نگر جي سنڌين يُو- ايس- اي کي Ulhasnagar Sindhis Association سان مشهور ڪرائڻ ٿي گهريو.

نانگن، بلائن، وڇن ۽ ٻين زهريلن جيتن جڻين جو خاتمو آڻي، گانڌي ڌام (ڪڇ) اڏيو ويو. ڪوٽ ۾ وينڊز اسڪولن ۽ ڪاليجن جون مالي مشڪلاتون حل ڪرڻ لاءِ هندو سيٺين هر ممڪن سهڪار ڪيو. پڙهيل ڳڙهيل استادن، ليڪچرارن، ڊاڪٽرن ۽ انجنيئرن ڪاليجن جي حالت سڌارڻ لاءِ پنهنجون خدمتون آڇيون. ملڪي سياست ۾ به هندن پير رکيو ۽ ريڊيو ۽ ٽي- ويءَ جهڙن ادارن ۾ به گُهتون هٽي هند جي سنڌين پاڻ لاءِ گنجائش پيدا ڪري ورتي. هن وقت ڪيترن ئي هنڌن تي اُتان جا سنڌي پارت جي اصلوڪن ڪارخانيدارن جي صنعت ۽ حرفت ۾ رهنمائي ڪري رهيا آهن. ڪاٻه نئين شيءِ بمبئي جي مارڪيٽ ۾ ايندي شرط اُن شيءِ جو نقل الهاس نگر جي بازارن ۾ پهچڻ شروع ٿي ويندو. نتيجو اهو نڪتو آهي جو هاڻي اُتان جا سنڌي ورهاڱي کان اڳ وانگر خيراتي ڪمن ڪارين ۾ به پاڻ ملهائي رهيا آهن. ڇمڻ ڪومل ٻڌايو ته بمبئيءَ جي سنڌين بمبئيءَ ۾ غريب سنڌين لاءِ اسپتال اڏائڻ جي رٿا تيار ڪئي. سينيئر اديبن پَهُ ڪيو ته اڄ بمبئيءَ جي هڪ سيٺ لوڪُو مل اُتمچندائي کان گهٽ ۾ گهٽ پنجن لکن جو چندو ٿا وٺي اچون. سيٺ صاحب اديبن کي ڏسي اُٿي بيٺو ۽ سندن اچڻ تي حد کان وڌيڪ خوشيءَ جو اظهار ڪيائين. جڏهن سيٺ کي ٻڌايو ويو ته جسلوڪ اسپتال لاءِ ڪائنس چندو وٺڻ آيا آهن ته اجان به وڌيڪ خوش ٿيو. منشيءَ کي چيڪ بوڪ آڻڻ لاءِ حڪم ڪيائين. اديبن چندي بابت اجان وات مان ڪو لفظ به نه ڪڇيو جو سيٺ هٿ وڏائي هڪ اديب جي هٿ تي ناچيز تحفي وارو چيڪ رکي چيو: 'هيو حڪم؟ اک ٽيٽ سان اُن اديب جڏهن چيڪ تي لکيل چندي واري رقم پڙهي ته چيڪ تي لکيل هو: 'هڪ ڪروڙ رپيا.' اُن اديب عينڪ جا شيشا صاف ڪري وري چيڪ کي پڙهيو، ۽ وري به ڪيس 'هڪ ڪروڙ رپيا' پڙهڻ ۾ آيا!

الهاس نگر ۾ مونکي ٻڌايو ويو ته هڪ لڳا الهاس نگر جي هڪ سيٺ کان پڇيو ويو ته سندس بئنڪ بيلنس ڪيترو هوندو. وراڻيائين ته سندس سپ منشي ۽ اڪائونٽنٽ گڏ ڪري جيڪڏهن ٻن مهينن تائين حساب ڪتاب ڪرائبو ته پوءِ به صحيح انگ اکر مشڪل سان معلوم ٿي سگهندا.

ڇمڻ ڪومل ٻڌايو ته دهليءَ ۾ سندس هڪ دوست سيٺ جگتراءِ آهي، جيڪو هر روز بار ۾ پيئڻ کائڻ جو ڏهه پندرهن هزار رپيا بل ادا ڪري پوءِ اُٿندو هو، جنهن ۾ هر آئي وئي ۽ دوستن احبابن جو بل ادا ڪندي کيس خوشي محسوس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مڪانن ۾ نه ڪري سگهندو آهي.

تصوير جو ٻيو رخ ڏسبو ته خبر پوندي ته هتي سنڌ ۾ اٽڪل ٽن ڪروڙ سنڌين جي پيرن هيٺان پنهنجي زمين ته آهي، پر سنڌن حق کسيا ويا آهن. ڪيرت ٻاٻاڻيءَ پنهنجي گهر ۾ ڪچهري ڪندي، مونکي ۽ طارق اشرف کي ٻڌايو ته هند ۾ سنڌين جا پير پنهنجيءَ ڌرتي کي نٿا ڇهن، پر کين سمورا بنيادي حق حاصل آهن. سنڌ ۾ سنڌين جي پيرن هيٺان پنهنجي زمين آهي، پر سنڌن بنيادي حق کسيا ويا آهن. هو پنهنجيءَ زمين تي زبان هوندي به 'بي زبانا' آهن. سڄي سنڌ ڄڻ ته ٻلاول جو گهاڻو آهي. هند جا سنڌي مدراسين، مهاراشٽرين، گورکن، ۽ خالصن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ٽندو ڏاڙهي ڪري سگهن ٿا.

اوٻائي جي پٽ مورڙي ڪلاچيءَ جو مانگر مڇ ته ماريو هو، پر سنڌس اولاد کي نه ماري سگهيو هو، جن هن وقت سون- مياڻيءَ جي ملاحن کي گهيري ۾ وٺي ڇڏيو آهي. هند جا سنڌي پنهنجو پيٽ ڀري، هاڻي زندگيءَ جي آسائشن ڏانهن وڌي رهيا آهن. لطيف جي نگريءَ جا رهواسي اڄ به ڏٽ ۽ ڏونئرن تي گذارو پيا ڪن. غربت جا هاڃا ته ڏسو جو اڄ به سنڌ جي ماڻهن جي پيرن ۾ لڱل ڪنڊن ۽ ڪانئن جا نشان ڏسي، سنڌن پيرن جي ترين ۾ پروڻ وارا ٽنگ ڪٽي، ماڻهوءَ جي عمر جو ڪاٽو لڳايو ٿو وڃي! هري موٽواڻيءَ سنڌ جي سفر دوران جيپ مان لهي، رستي تان وڍيل وڻ هٽايا هئا. اسان سنڌ وارا ورهاڱي ٽيڻ سان نه وڻ پوئيندا ٿا اچون. اسانجي ڪلهن تي اُهي نه هڙون لٽڪي رهيون آهن، جيڪي ابن ڏاڏن جي به ڪلهن تي لٽڪنديون ڏٺيون ويٺيون هيون. سنڌين جي ڳچين ۾ غلاميءَ جا طوق نئين سج نوان پيا پون. هاڻي ته سنڌوءَ جي پاڻيءَ جو آواندو به وڏي پاءُ لوڙهي ڇڏيو آهي. چون ٿا ته سنڌ جا ڪنير جيڪي منيءَ پوڻ بدران سنڌوءَ جي پيٽ مان اُڏامندڙ واريءَ جا ٻورا پوئيندا، جنهن لاءِ کين گڏهه ۽ ٻورا به خريدڻا آهن. ڪن اوڏن جون زبانون ۽ هٿ پير وڍيل هوندا، جي گونگا ٻڌجي ڪارونجهر، هالار ۽ ڪيرٿر جبلن کي ياجوج ماجوج جي لشڪر جيان چٽي، ڪشتيءَ جي پهلوانن ۽ ڪرڪيٽ جي رانديگرن لاءِ سنڌ جي زمين هموار ڪندا نظر ايندا. اِهوئي سبب آهي جو اڄ جي ماڏوهي، مارئيءَ جي ڏاج لاءِ پنهنجي نٿ ۽ بولو گروي رکڻ لاءِ در در ڀٽڪي رهي آهي. اَڄ جي مومل ڪاڪ جي ٽتل رک تي راڻي جي واٽ ۾ اکيون وڇائي ڇڏيون آهن. موتي پرڪاش تڏهن ته چيو آهي:

مومل مومل، راڻو راڻو،
مڪڙي ڳتي، ٻيو ڳاراڻو
ڪاڪ جي ماڙي، خالي کنڊهر
مومل راڻ، پڙاڏو راڻو.

سنڌي زبان جي شاعر ۽ مزاح نگار قمر شهباز جي گهرِ اُستاد منظور علي خان جي ڀائيجي وحيد عليءَ ڪان جڏهن هي ڪلام ٻڌو هوسون ته اسان: مان ۽ هدايت بلوچ جوڳين ۽ سامين وارا ٻه هٿ ڏيکاريا هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جي ديويءَ کي ريجهائي، پنهنجو ڪرڻ لاءِ جتن ڪيا ويا ۽ ائين وري سرسوتيءَ جي هٿ ۾ ستار ۽ ڪرشن جي مکَ تي مرلي ڏسجڻ ۾ آئي. غزل، گيت، نظم، آزاد نظم، رباعيءَ کان هڪ وک اڳتي پراڻا گهاڙيتا: دوهو، سورٺو، بيت، وائي ۽ ڪافي سرجڻ لڳيون. سانيٽ ۽ ترائيل کان ٻي وک اڳيرو هائيڪو، نثري نظم ۽ پنجڪڙا گهڙجڻ لڳا ۽ ائين ڪي پنهنجا گهاڙيٽا گهڙيا ويا ته ڪي ٻاهرين دنيا جا گهاڙيٽا سنڌي رنگ ۽ ڍنگ سان جنم وٺڻ لڳا. هڪ طرف کان ڪيرت، گوبند ۽ اُتم ادبي کيتر ۾ ٻڙ جي وڻ وانگر پنهنجا ڏار ڦهلائڻ لڳا ته ٻئي پاسي کان جدت پسنديءَ جا گل ٽڙڻ لڳن ٿا. يعني هريش واسواڻي، آنند کيماڻي، واسديو موهي، ايشور چندر، شيام جئسنگهاڻي، هيرو شيوڪاڻي، گوردڻ تنواڻي، هري تنواڻي نماڻو، پريم پرڪاش مهيش نيٺواڻي ۽ اندرا شبنم جي قلم مان.

بمبئيءَ جي سدا بهار ادبي روح رهاڻين مان خبر پئي ته هند ۾ ادب هر تحريڪ جا سرجڻهار پيدا ڪيا آهن. ڪن جو تعلق ترقي پسند ادب (سماج وگيان) سان آهي ته ٻين جو رومانوادي (من وگيان) ادب سان. ڪو جدت پسند (اُلٽ وگيان) آهي ته ڪنهن کي ٻن ٻيڙين تي بيٺل، يعني خداوادي سڏيو ٿو وڃي، وِيندي هند ۾ تازي جنم ورتل لوڪ پسند ادب (لوڪ وگيان) تائين. هند ۾ ڪي گهاڙيٽا اهڙا به ٻُڌاسين، جي سنڌ ۾ سرجڻ بند ٿي چڪا آهن. هند وارا اُجا سوڌو اهڙين صنفن سان نڀائيندا پيا اچن، نڀائڻ جا، پنهنجو نالو روشن ڪندا پيا اچن. نارائڻ شيام کي هند جي تخليقڪارن ۾ هڪ سرواڻ يا سرموڙ جي حيثيت حاصل آهي. رام پنجواڻي سنڌين جو سفير هو، جذبات ۾ اچي ڪي ته ڪيس 'سنڌين جو ابو' به چوندا هئا. اُتم ادبي حاصلات ۽ خدمتن لاءِ پنهنجي پڪي پختي نوڪري قربان ڪري ڇڏي، پر بمبئي نه ڇڏيائين. گوبند مالهيءَ کي سنڌي ساهت سنگت جي پهرين ادبي تحريڪ جي باني هئڻ ۽ پهرئين ترقي پسند رسالي 'نئين دنيا' جي ايڊيٽر جو شرف حاصل ٿيو. ارجن حاسد جي سِر تي غزل جي دستار ٿي نظر اچي، ته ايم- ڪمل جيڪڏهن هِن نئي صنف جو شهنشاهه ناهي ته وڏو وزير ضرور هجي ٿو. نئين ڪوتا جي ميدان ۾ هريش واسواڻي وَرَ ڪُنجي، ٻوڙ پائي گهڻو اڳتي نڪري ٿو وڃي. شاعراڻي احساس سان ڪردارن جو ڏک محسوس ڪندڙ ڪرشن کٽواڻي سُندرتا جو پُوڄاري ٻڄي ريل گاڏيءَ جي کڙڪي کولي سٺين صديءَ جي مهان ڪوي هري پرتريءَ جي ٻن وٺن 'عُورت جي جوڀن،' ۽ 'قطرت جي نظارن' ۾ گم ٿي ٿو وڃي. اَسڪروائلڊ تڏهن ته چيو هو: "جڏهن فنڪار کي محبت ۾ سرشار ڏسو ته پوءِ ائين سمجهو ته سندس ذات ۾ حسن جو شعور گهر ڪري ويو آهي."

جگديش لـڇاڻي ۽ منوهر بيدي ٻڌڻ- ڏسڻ (Audio- visual) تي ٽيلي اسڪرپٽ سيريل جا ڪتابن تي ڪتاب لکي، اسانجي سدا حيات سورمن، ڪلاڪارن، ۽ اديبن کي هر دؤر ۾ زنده رکڻ لاءِ نور نچوڻ ۾ ڪا به ڪسر نه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڇڏي آهي. ڀڳوان چاولا ۽ هيرو چاولا، ڪنور رام جي ڀڳت کي زنده رکيو آهي ۽ مونيشا چاولا سنگيت جي دوشالي تي رنگبرنگي گل ٽاڪيا آهن. ڪير ۾ ڪنڊ ملائي آهي، سرسوتي لاءِ گجرا ٺاهيا آهن. معيار جي لحاظ کان جڳت آڏواڻي سنڌي ترجمن ۾ امتيازي حيثيت جو حقدار آهي. پرک ۽ تنقيد جي لحاظ کان گنو سامتاڻي، ڪيرت ٻاٻاڻي، لعل پُشپ، هريش واسواڻي ۽ ارجن شاد تي هند ۽ سنڌ کي فخر آهي. ڪوجنا ئي ڪم ۾ هريانا جي راٺيلا ڳوٺ مان قاضي قادن جا 112 بيت هٿ ڪرڻ، هنديءَ جي ليکڪ راجا رام شاستري ۽ سنڌيءَ جي برک شاعر، پارکو ۽ محقق هيري ٺڪر جو هن صديءَ جو وڏي ۾ وڏو کوجنائي ڪارنامو آهي.

هيرو ٺڪر، جنهن جي آواز جا شامر ويلي آل- انديا ريڊيو تان سڌ ۽ پڙاڏا ٻٽندڙ سنڌ جا ڳوٺاڻا سنڌ جي نقشي کي حيدرآباد کان دهليءَ تائين ڦهلائي ڇڏيندا آهن. ان ڪانسواءِ سنڌي ٻوليءَ کي هر سال سنڌوءَ جي پاڻيءَ ۾ گلاب جو پاڻي ملائي، سنان ڪرائي، تازو توانو ڪرڻ جو سهرو ڀارت جي شفڌين جي سر ئو سونهين، جنهن لاءِ اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا ڪيرُون لهڻي ٿي.



soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# الهاس نگر ۾ هڪ رات

هوٽل روز ووڊ (Rose wood) ۾ ٺي هيس، جو هري موٽواڻيءَ فون ڪري ٻڌايو تہ مان هوٽل مان لڏو پئي، ونس پهچان، جتان نارائڻ پارتي مونکي الهاس نگر وٺي وڃڻ لاءِ اپاٽڪو آهي. هريءَ ٻڌايو تہ ونس نند جويري ۽ نند چگاڻي بہ پهچڻ وارا آهن. جُويل آف انديا ۾ نتراج هوٽلن جي اَجياڻن جو تصويري آلبم ۾ ڪجھ سوڪڙيون موڪلڻ لاءِ مٽان شري آر- جي اَڏواڻي صاحب (پروفيسر رام پنجواڻي ٽرسٽ جو چيئرمين) جو بہ فون آيو. سندس ٽورا مجيندي، اَڏواڻي صاحب ڪي چيم تہ جيئن تہ مان هوٽل ڇڏي رهيو آهيان، اُن ڪري تصويرون مونکي هري موٽواڻيءَ جي گھر موڪليون وڃن. (تصويرن جو هي اُهو مونکي اڄ تائين ڪونہ مليو. جيڪو مون لاءِ ڏاڍو قيمتي هو.)

سامان سڙو هريءَ جي گھر ٽانيڪو ڪري، اسان هيٺ لٿاسون. هري پهريائين پنهنجي دڪان تي وٺي آيو. جتان نارائڻ پارتيءَ سان گڏجي مان الهاس نگر روانو ٿيس. اسان وڪٽوريا ٽرمينل ريلوي اسٽيشن تي آياسون. جتان جو ڇهچٽو، ڦُرتيءَ سان ريلن مان لهڻ- چڙهڻ. ٽڪيٽ وٺڻ جو طريقو. پليٽ فارم تي گهماگهمي، مسافرن جي رهنمائيءَ جا بورڊ، نرخناما، لائوڊ اسپيڪرن وسيلي هر ٽرين جي اچڻ ۽ روانگيءَ جا تفصيل ٻڌي ۽ ڏسي مونکي جپان جي ٽوڪيو جون ٽيشنون ياد اچي ويون. ٽوڪيو ۽ وڪٽوريا ۾ فرق اِهو هو جو هڪ تہ هتي ٽڪيٽن وٺڻ جو خودڪار طريقو ڪين هو، ٻيو تہ هِن اسٽيشن جا مسافر گهڻو ڪري غريباڻي لباس وارا نظر ٿي آيا ۽ بس. مونکي هوند توڙي اٿهوند واري (Have & Have nots) ۾ قانون جو احترام هڪ جهڙو نظر آيو. ڪو نظام (System) ڪا رٿا (Planning) ڪا حڪمت عملي (STRATEGY) هئي، جنهن شهري جيوت (Civic- life) جي ضمانت ٿي ڏني، جنهن سان هڪ پارتواسيءَ ٻئي پارتواسيءَ جو احترام ٿي ڪيو. فرسٽ ڪلاس ۾ چڙهڻ سان ٺي اسانکي وهڻ جي جاءِ ملي وئي.

الهاس نگر پهچڻ ۾ اسانکي ڪلاڪ ڪن لڳي ويو. واٽ تي هڪ اسٽيشن تان اسان واري گاڏيءَ ۾ بہ جوانڙيون چڙهي راڊ ۾ لٽڪندڙ گول ڇلن (RINGS) ۾ هٿ ڦهائي، اسانجي مٿان اچي بيٺيون. مون نارائڻ کي چيو تہ "يار! عورتون بيٺيون هجن ۽ اسان چڱا مڙس ٿيا ويٺا هجون، مونکي بُرو ٿو لڳي." چيائين: "اخلاقي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪم ۾ دير ڇو!" اسان اُٺي ڪڙا ٽياسي ۽ هنئي جوانڙين اسانکي ٽورائتين نگاهن سان مالا مال ڪندي، سيٽن تي ويهي رهيون. مون ڏٺو ته بيٺل توڙي ويٺل سڀ مسافر اکين ئي اکين ۾ اسانجا ٽورا مڃڻ لڳا هئا، خاص ڪري مون وديشيءَ جا.

الهاس نگر ريلوي اسٽيشن تي لهي، بازار مان گهمتارين ڏياري، نارائڻ لڪشمي مارڪيٽ ۾ واقع پنهنجي آفيس سنڌي ٽائيمس پبليڪيشنس ۾ وٺي آيو، جتي نارائڻ ڪتابن ڇپائڻ جو ڪاروبار هلائيندو آهي. ڪهڙن ۾ هند ۽ سنڌ ۾ ڇپيل ڪجهه سنڌي ڪتاب سجايل هئا. نارائڻ موهن ڪلپنا کي فون ڪيو، جنهن چيو ته سندس آفيس ۾ غيرملڪي وفد آيل آهي، اسانوٽ رات جو ڏهين وڳي ڌاران پُهچندو. چانهه پياري نارائڻ وري به گهتيون گهمائيندو. (مونکي قمر ڀٽيءَ جا ڪتاب (1) هند ۾ جلاوطن سنڌي ۽ (2) سُڀاش چندر بوس ياد اچڻ لڳا.) مونکي منوهر متلاڻيءَ جي فوٽو شاپ (FILM CITY) تي وٺي آيو، جتي هيري ٺڪر به اچي دريءَ مان ديدار ڪرايو. اسٽوڊيو ۾ ڀاءُ بلديو متلاڻيءَ اسانجا چڱا خاصا فوٽو ڪڍيا ۽ پوءِ الهاس نگر جي شاهي بازار (Main bazaar) ۾ سنڌين جا دڪان ڏسندا، گڊ گڊ ٿيندا، جگديش لڇاڻيءَ جي گهر آياسين. جگديش ڪاليج ۾ پروفيسر آهي ۽ وينا پبليڪيشن ۾ آنرري ايڊيٽر طور به ڪم ڪندو آهي. هن گهر ۾ ايڏي ته پنهنجائپ هئي، جو جگديش جي گهر واري، منهنجي ڀاڄائيءَ مونکي پنهنجن هٿن سان پاڻ ٺي پاپڙ- پاڻي پيش ڪيو. مون اڄان تائين جگديش لڇاڻيءَ جي چپڙن تي ٻوڙندڙ مُرڪن کي دل جي هڪ خاني ۾ سنڀالي رکيو آهي، هيري ٺڪر ۽ جگديش جو ساٿ ۽ پيرن هيٺان الهاس نگر جي زمين مونکي سنڌ پهچائي ڇڏيو. مونکي جڏهن به مايوسي ويڙهي ويندي آهي ته مان اک- ڇنڀ ۾ ڪلپنا جا پَرَ پائي، پاڻ کي الهاس نگر پهچائي ڇڏيندو آهيان.

جگديش جي گهران پيٽ ۾ پاپڙ- پاڻي داخل ڪري، اسان پريمچند وارن جي گهر آياسين. پريمچند، بلديو ۽ منوهر ٽيئي ڀائر آهن. بلديو جي هند ڪاليج، بمبئي جي سنڌي ڊپارٽمينٽ جو سربراهه (HEAD) آهي. متلاڻي برادران ڪچهريءَ جا ڪوڏيا ۽ زندگيءَ جي ڪاڏي پنهنجن هٿن سان هلائڻ سکيا آهن. سندن قرب ۽ گهر ۾ حسن اخلاق ڏسي، مونکي هي ٽيئي ڀائر هڪ ئي ٽاريءَ تي ٽڙيل ٽي گل نظر آيا هئا.

خوب رهاڻيون ٿيون. ساڳوئي پنهنجي گهر وارو ۽ جيوت چاولا جي گهر وارو ماحول، جڻ ته سيني قسم ڪٽي ڇڏيو هو ته اڄ رات سمهڻو ڪنهن کي به ناهي. اُن رات ڪراچيءَ ڳالهائڻ جي سرتوڙ ڪوشش ڪئي سون. سڀ دوست ٽڪجي پيا، پر فون جا گهربل نمبر نه مليا. رات جو پوين پهر سمهي، صبح جو سوير اٿياسين. چانهه- پاڻيءَ کان پوءِ اسان هرداس ماڪيجا وٽ پهتاسين، جتي اسان جي ناشتي جو انتظا ٿيل هو. هرداس الهاس نگر جي واٽر سپلاءِ اينڊ ڊرئنيج ڪاميٽيءَ جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

مخزنون خريد ڪيون. هيري نُڪر جي تعارف ڪرائڻ ڪري، اُن سنڌي بوڪ سيلر مونکان پئسا نه ورتا. جيسين گاڏي اچي، اسان پليٽ فارم تي ٽهلندا رهياسون. اُهو پليٽ فارم، جنهن پليٽ فارم تي اسان کان وچڙي ويل هم وطن سنڌين جا معصوم ٻارڙا ڪتمنڙا، پاپڙ، پڪوڙا ۽ لائي وڪڻندي، ريل جي ڦيٿن ۾ پنهنجون ٽنگون ۽ ٻانهون ڪٽائي ويندا هئا ۽ ڪڏهن ته زندگيءَ مان به هٿ ڌوئي ويندا هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner
soorihsindhiadab

# ڀارت جي سنڌين جا جَسَ جوڳا ڪارناما

سنڌ جا هندو پنهنجي ساٿيهه مان ڏکجي ڏار ٿي جڏهن ڀارت جي سرزمين تي پهتا ۽ مٿي ڍڪڻ لاءِ اَجها اڏيائون، درن تي ڪوٺين ۽ پال ٽنگي جيئڻ لاءِ جتن ڪيائون ته اُن وقت هنن پنهنجي ٻوليءَ کي ڪَتا ۽ اُڪرا ٻير سمجهي، اُڇلي ڇڏڻ بدران ڪيس اکئين لائڻ ۾ ڪابه ڪسر نه ڇڏي. مائرون ۽ ڀينرون سنڌ ۾ خالي پينگها ته ڇڏي آيون، پر ٻچڙن ۽ ٻائرن کي سنڌيءَ ۾ لولي ڏيڻ نه وساريائون. پنهنجن ٻچڙن کي ٺري مائرن وانگي ڪپڙي جي ٽڪر ۾ سمهاري، ڪٺ جي ٻانهڻ سان ٻڌي سنڌيءَ ۾ لوليون ڏيئي زخمي مامتا تي آسرن ۽ اُميدن جا ڦها رکيائون. اڄ سمورا سنڌي ڀارت ۾ خوشحال آهن. ٻيو نه ته هن به پيٽ ڀرڻ لاءِ داڻو- پاڻي هر سنڌيءَ وٽ ججهو آهي. سنڌن ٻولي ڀارت جي پندرنهن زبانن وانگر قومي ٻوليءَ جو درجو ٿي رکي، يعني 1967ع ۾ ڀارت جي آئيني ائين شيڊول مطابق سنڌيءَ سميت ڀارت جي پندرنهن ٻولين کي قومي ٻوليءَ جي حيثيت ڏني وئي، جيڪو ڀارت جي سنڌين جو، خاص ڪري جهونڙن اديبن، شاعرن، پارکن، گهڻ- گهرن جو وڏو ڪارنامو آهي، جنهن سنڌ جي اديبن جي دلين ۾ ڀارتواسي سنڌين لاءِ احترام پيدا ڪيو آهي. اهو ڪارنامو اُنهن سنڌين نه ڏيکاري سگهيو آهي، جنجي پيرن هيٺان پنهنجي زمين آهي، جيڪي نه رڳو صدين کان سنڌ ۾ رهندا پيا اچن، پر سنڌن سڀيتا دنيا جي ٽن وڏين، مهذب ۽ قديم تهذيبن جي حوالي سان ڄاتي سڃاتي ٿي وڃي. 1972ع کانپوءِ ته هتان جي سرڪار سنڌ کي 'ٻه- زبانو' صوبو ظاهر ڪري، سنڌي ٻوليءَ کي ٽيهٽيءَ ۾ بند ڪري، متائنس ڪارو نانگ وِهاري ڇڏيو آهي. ڏيهي پنهنجي ڏيهه ۾ پرڏيهين وانگي پيا گذارين. هُتي سنڌي ٻولي انهن ويهين (20) ٻولين ۾ شامل ڪرائي وئي آهي، جن جي واڌاري لاءِ مرڪزي سطح تي ڀارت ساهتيه اڪيڊمي ڪم ڪري رهي آهي. هري موٽواڻي ٻڌايو ته ساهتيه اڪيڊميءَ طرفان هر سال سنڌيءَ جي بهترين ڪتاب تي ليکڪ کي 25000 رپين جو انعام ڏنو ٿو وڃي.

لڇمڻ ڪومل ٻڌايو ته هڪ دفعي هُو سنڌيءَ جي هڪ مشهور اديب دوست وٽ مهمان ٿي ترسيل هو. جڏهن کيس خبر پئي ته اُن اديب جي زال اردو خاندان مان آهي ۽ سندس ٻار پيءُ سان به اردوءَ ۾ ئي ڳالهائين ته لڇمڻ سنڌن مانيءَ کائڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

لاءِ هند جي سنڌين کي جس هجي. هو تہ ’ديا‘ ۽ ’دان‘ واريون روايتون بہ دائم قائم رکي، سنڌ جي جهولي کي سائو ڪندا ٿا اچن.

بمبئيءَ جي سنڌين مڙسي ڪري، جسلوڪ هاسپيٽل اڏائي ورتي آهي، جنهن ۾ غريب طبقي جي سنڌين جو علاج معالج مفت ۾ ڪيو ويندو آهي. هي اُها اسپتال آهي، جنهن جي اڏاوت لاءِ سيٺ لوڪُو مل اُتمچنداڻي (حال رهندڙ بمبئي) بمبئيءَ جي ادين کي هڪ ڪروڙ رپيا نقد عطيو ڏنو هو. جيڪا حقيقت ظاهر ٿي ڪري تہ خيراتي رٿائن ۾ هڙئن وڙئون سهڪار ڪري هند جا ڪي سيٺيون ڏاتارن- سخي سپڙ ۽ جادم جکري وارو رتبو ٿا رکن. هن لاءِ مون اڳ ۾ بہ لکيو آهي تہ سنڌ جي هندن ’ديا‘ ۽ ’دان‘ واري روايت هند ۾ بہ دائم قائم رکي، سنڌ جي جهوليءَ کي سائو ڪندا ٿا اچن ۽ ائين سنڌيت کي مانائتي بڻائڻ ۾ اڳ کان بہ اڳرا ٿا لڳن. هتي اسانکي چوڻو ٿو پوي تہ سنڌ جو امير طبقو رڳو پنهنجا ڍڍ ڀرڻ سکيو آهي.

الهاس نگر ۾ رات جي محفل ۾ هيري ٺڪر ۽ جگديش لڄاڻيءَ ٻڌايو تہ رت- پگهر جو پورهيو ڪري، الهاس نگر ۾ گانڌي ڌام جهڙا شهر اڏائڻ بہ سنڌ کان ويل هندن جي حاصلات ۾ شامل آهي. لڇمڻ ڪومل ٻڌايو تہ پرتاب سيٺ ڀارت جي ڪنهن سنڌي بستيءَ ۾ ڪراچيءَ جهڙو شاهي بندر تعمير ڪرائڻ ٿي گهريو، جنهن لاءِ هُن گانڌي ڌام جو انتخاب ڪيو هو. هن ڪم لاءِ پرتاب سيٺ هند جي مهان ليڊر گانڌي جي جي آشيرواد سان نانگن ۽ پَٽن سان ڇانيل برپٽ کي بوستان بڻايو هو. لڇمڻ ٻڌايو تہ پرتاب سيٺ دراصل ڀارت ۾ پهرئين فري ٽريڊ زون بڻائڻ جا سپتل سپنا ڏٺا هئا. هن وقت لکمي ڪلاڻي گانڌي ڌام ۾ سنڌي ليکڪن جي ڪالوني تعمير ڪرائڻ ۾ پاڻ ملهائي رهيو آهي. سنڌ کي ڇڏڻ واري روحاني ۽ فطري نقصان جي تلافيءَ لاءِ دکايل ۽ دلگير گانڌي ڌام کي جنم ڀومي (HOMELAND) جي درجي ڏيارڻ جي جاکوڙ ڪري رهيا آهن. پنهنجي ڏيهہ ۾ پرڏيهي ۽ پرائي ڏيهہ ۾ ڏيهي سنڌي گهراڻن جي چوٽيتاليهہ سالن جو سياسي، سماجي، لساني ۽ اقتصادي جائزو وٺبو تہ چوڻو پوندو تہ اسان سنڌ وارا سنڌ کي ڌاهيون پيا ۽ سرحد پار سنڌي پنهنجن نُون ماڳن مڪانن کي ٺاهين پيا. جڏهن جو سنڌن پيرن هيٺان سنڌن ابن ڏاڏن واري زمين بہ ناهي.

ڪلياڻ ڪئمپ ۾ جانورن وانگر واڙيل سنڌياڻيون پنهنجا زيور گروي رکي بہ گذارو ڪري سگهيون هيون. اڄ اُن بستيءَ جا نگرواسي هروڙ ۽ ورجيس جا وڻجارا آهن. لوڻ مرچ کان موٽرڪار تائين ڪين هرڪا شيءِ پنهنجي آهي. هڪ سيٺ کان سندس بئنڪ بئلنس بابت پڇيو ويو تہ چيائين: ”سندس سڀ اڪائونٽنٽ گڏ ڪري بہ مهينن تائين حساب ڪتاب ڪرائڻ ڪانپوءِ بہ ڪنهن انگ تي پهچڻ مشڪل ٿيندو.“ هيري ٺڪر ٻڌايو تہ اِهو الهاس نگر جي ڪاريگرن جي هٿ ۽ ذهن جو ئي ڪمال آهي جو بمبئيءَ جي مارڪيٽ ۾ جڏهن ڪابہ نئين شيءِ نظر اچڻ لڳندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آهي تہ هنئي ڏينهن تي اُن شيءِ جو نقل (Replica) الهاس نگر جي بازارين ۾ نظر ايندو آهي، جيڪو اصل کي بہ مات ڏئي ڇڏيندو آهي.

رام پنجواڻيءَ جي تخليق: رام پنجواڻي سينٽر، ڀارت جي سنڌين لاءِ ادبي ۽ ثقافتي ڪَٺجاڻين ۽ ميڙاڪن جو هڪ عاليشان مرڪز آهي، جتي اُتان جا سنڌي اتحاد، پيار ۽ ڀائيچاري جو وڻج وکر ورهائي، هڪ ٻئي جا جهول ڀري ڀوءِ وڻائن ڏانهن ورندا آهن. هتي سال ۾ ڪيئي هند جا قلمڪار ۽ ڪلاڪار گڏ ڪري ميڙا مچايا ٿا وڃن. هيءُ مرڪز هڪڙن لاءِ ادبي پليٽ فارم آهي، تہ ٻين لاءِ ڌرمي تيرٿ گاهہ، جتي ننڍا، وڏا، جوان، پوڙها، عورتون ۽ مرد اچي ٿا گڏجن ۽ هڪ ڏاڪي ۾ پوئجي پنهنجي ثقافتي وحدت قائم رکڻ جا جتن ٿا ڪن. زيرزمين طبقي کان مٿينءَ منزل تائين انسان پير پائي، روحاني آنند ۽ آشيرواد ٿو حاصل ڪري. ٺاڪر چاولا ۽ سندس گهر جي ڀاتين- ڀارُو شوڀا ۽ نيها جي سيوا هن تڪئي کي معنيٰ بخشي آهي. شاهہ، سچل، سامي سيمينار ۽ اُنڊو- سنڌ مشاعري تہ هند جي سنڌين واري ادبي تاريخ ۾ هڪ اهم ۽ مڪمل بُاب جو اضافو ڪيو آهي. هن قسم جون انتر راشٽريہ محفلون ۽ ميڙاڪا مچائي ٺاڪر چاولا جڻ تہ سيما (سرحد) جي خاردار (Thorny) تارُن مٿان هڪ پُل تيار ڪرائي ڇڏي آهي، جنهن تان صبح شام هند- سنڌ جا تخليقڪار لنگهندي نظر ٿا اچن.

قاضي قادن جي جملي ستن بيتن واري ذخيري جي مقابلي ۾ ڀارت جي لوڪ منچ سنسٿا کي راڻيلا ڳوٺ جي هڪ مَٺ مان قاضي قادن جا سڄا سارا 112 بيت هٿ آيا آهن، جن کي هندي زبان جي مقامي ليکڪ راجا رام شاستري ۽ سنڌيءَ جي برک شاعر ۽ نقاد هيري ٺڪر روشنيءَ ۾ آندو آهي. هن بيتن ۾ ستن بيتن واري ذخيري وارا ڇہ بيت بہ شامل آهن، جيڪا هڪ پڪي پختي ٺوس ثابتي آهي تہ اهي سڀ جا سڀ بيت قاضي قادن جا بيت آهن. اهو هند جي سنڌين جو هڪ وڏو ڪارنامو آهي. سنت هريداس (جيڪو گرنٿ ۾ آيل 69 شاعرن مان هڪ آهي) پاران تيار ڪرايل 750 صفحن تي ٻڌل هن گرنٿ ۾ قاضي محمود ۽ بابا نانڪ جو ڪلام بہ آهي. ٽي سگهي ٿو تہ قاضي محمود، قاضي قادن جي گهراڻي جو ڪو فرد هجي، جيڪڏهن سندس ڪلام سنڌيءَ ۾ آهي تہ. بابا نانڪ بہ مونکي نانڪ يوسف ٿو لڳي. ڪيترائي شاعر آهن. جيڪي نالن مان سنڌي ٿا لڳن. جيئن تہ: غريبداس، ڏنو ڀڳت، هريداس وغيره. راجسٿان جي مهان ڪوي دادو ديال سنڌيءَ ۾ بہ شعر چيو آهي، جيڪو هن گرنٿ ۾ شامل آهي. هن گرنٿ تي اڃان بہ هڪ وڏي کوجنا جي ضرورت آهي. هن ڪتاب کي پڙهڻ ۽ پرجهڻ سان ڪيترائي ننڍا وڏا راز کُلي سگهن ٿا ۽ اهو سنڌي ڪلام اسانجي شاعريءَ کي وڌيڪ مالامال ڪري سگهي ٿو.

مان سمجهان ٿو تہ کوجنائي ڪارگذاريءَ ۾ بہ هند جا سنڌي اسان کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ماريون بيٺا آهن، خاص ڪري هيري ٺڪر واري مٽيئن ڪوجنا ڪان پوءِ.

ورهاڱي ڪان اڳ سنڌي ناٽڪ – منڊلين جي واهت هندو ئي ڪندا هئا. هِن ناٽڪ ڪلا کي اوڄ تائين نہ ئي سهي، پر ڪامياب موڙ تائين وٺي وڃڻ جو سهرو بہ هند ۾ رهندڙ سنڌين جي سِر ٿو سونهي. ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جي چوڻ موجب هن وقت هند ۾ ويهارو کن ناٽڪ – منڊليون آهن، جيڪي سنڌي بستين ۾ وجود رکن ٿيون، جيئن تہ دهلي، بمبئي، احمد آباد، ناگپور ۽ گجرات ۾. دهليءَ ۾ تہ هند سرڪار ڊرامن جي سکيا جو هڪ اسڪول بہ قائم ڪيو آهي، جتان سنڌي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون بہ سکيا وٺن ٿيون. الهاس نگر جي رهواسي شاعر، ليکڪ ۽ گائڪ هري تنواڻي 'نماڻو' جي ڏنل انگن اکرن مطابق هند ۾ ٽي درجن کن سنڌي ناٽڪ منڊليون قائم ٿي چڪيون آهن. اسٽيج ناٽڪ ڏسڻ نوجوان طبقي کي هند ۾ جنون جي حد تائين وٺي ٿو وڃي. پرهہ جي پلن جهڙي هڪ سهڻيءَ رهاڻ ۾ لڇمڻ ڪومل ٻڌايو تہ هڪ دفعي هڪ ڇوڪريءَ درزيءَ کي ڪپڙا ڏيندي، ڪيس تاڪيد ڪري رهي هئي تہ اهي ڪپڙا ڪيس سنڌيءَ جي هڪ نئين ناٽڪ ۾ پائڻا آهن، اُن ڪري پُرهيڻ شام جو هر حالت ۾ تيار هجڻ کپن. لڇمڻ ٻڌايو تہ اهي لفظ هُن پنهنجن ڪنن سان ٻڌا هئا.

اڄوڪو زمانو ٻڌڻ– ڏسڻ (AUDIO- VISUAL) جو زمانو آهي. هِن ڏس ۾ رچناڪار منوهر بيدي ۽ جگديش لڇاڻي وڊيو فلم اسڪرپٽ لکي، ڪتاب ڇپرائي، جس جوڳو ڪم ڪيو آهي. اسانجي ڪڏيل ورٿي جي سورمن، ڪلاڪارن ۽ سرجڻهارن کي هر دؤر ۾ زنده رکڻ لاءِ هنن يارڻَن ادب ۾ هڪ نئين نڪور صنف جو اضافو ڪيو آهي، جن تي هاڻي نہ تہ ايندڙ نسل دستاويزي فلم (Documentary) تہ ڇا، مڪمل فلمون جوڙيندا. الهاس نگر ۽ بمبئيءَ ۾ هِن قسم جا مونکي ڪتاب ڏنا ويا، جنهن لاءِ مان هند جي سرجڻهارن ۽ اديب دوستن جو ٿورائتو آهيان. پروفيسر رام پنجواڻي، اڏيري لعل، سنت ڪنور، شهيد هيمون، ڪماري پوپٽي، هيراننداڻي، ڪماري ڀڳونتي ناواڻي، پرسرام ضيا ۽ ماستر چندر تي ٽيلي اسڪرپٽ لکيا ويا آهن، جيڪي سڀ جا سڀ منوهر بيدي ۽ جگديش لڇاڻيءَ جا لکيل آهن. اُن ساڳي پارٽنرشپ جي جذبي هيٺ، جيڪو اسان وٽ تاج جوئي، اياز گل ۽ ادل سومري ۾ پاتو ويندو آهي. اسانکي اُميد آهي تہ تخليق، تاليف ۽ تحقيق جا هِي ٻئي يارڙا شاهہ، سچل، سامي، ساڌو واسواڻي، نارائڻ شيام، موهن ڪلپنا، شيخ اياز ۽ ٻين وڏن نالن تي بہ نور نچوئي، هڪ ٻيو قدم بہ اڳتي وڌائيندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# هند جي سنڌين جو وڪڻهارا
# پروفيسر رام پنجواڻي

ڏهاڪو سال اڳ الطاف شيخ وانگر دنيا جي گولي کي نوڙيءَ سان ڪڇيندڙ، سنڌ جي سيلاني محمد خان سيال پروفيسر رام پنجواڻيءَ جو رڪارڊ ڪيل انٽرويو ٻڌايو هو. سنڌ ۽ سنڌيت بابت سنڌس ويچار ۽ ڳالهيون ٻڌي، اکين ۾ ڳوڙها تري آيا هئا. ذهن جي افق تي سهڻي لطيف اِجهو هن طرح تصوير جوڙي ڇڏي هئي. ”وڍيل ٿي وايون ڪري، ڪٺل ڪوڪاري.“ ڪنگڻ ۽ هنجڻ جي اٿٻڻت واري واقعي هٿي وجي هنڌ ڪيو. ”لُڏيا روهه وڃن، ڪنهن هيٺائيءَ کان هنجڙا.“

آئي وئي واتان اُن ڏاتار جا قصا ڪهاڻيون ٻڌي، اندر ۾ آس پيدا ٿي ته ڪڏهن رام جي راڄڌانيءَ ۾ پير پائي، اُن ٻهن ۽ ٻهڻ جي ٽڪين واري ٻونءِ (لاڙڪاڻو) تي جنم ورتل اوشاڪي پوشاڪيءَ کي ڀيٽي ڏسجي. سنڌ جي پاڻي ۽ مٽيءَ مان جڙيل اُهو مها پرش، جنهن سُر ۽ سنگيت جو جادو جڳائي هند ۾ ٽڙيل پکڙيل سنڌين کي اوپري زمين تي گلن ۽ غنچن وانگر هڪ ئي مالها ۾ پوئي ڇڏڻ جا هيلا هلايا. مان هيرن ۽ موتين وانگر هار ۾ پوتل هند جي انهن سنڌين کي وڃي ڏسندس، جنهن هار جي پٽڻ مان هڪ پُٽلو ’رام پنجواڻي‘ هوندو.

سيمينار جي روح روان شري ٺاڪر چاولا جي گهر بار بار وڃڻ مان مونکي رام پنجواڻيءَ جي ڳُڻن ڀرين ڳالهين جا داستان ملي ويا. پروفيسر رام پنجواڻي لاڙڪاڻي مان پنهنجو کهول ساڻ ڪري، بحري جهاز رستي ڀارت پهتو هو. هي ڏاهو ڏات- ڌڻي اُنهن قلمڪارن ۽ فنڪارن منجهان هڪ هو، جن سنڌ ڇڏيندي، ڇاتيءَ کان ڇڄڻ محسوس ڪيو هو. جن جي دلين ۾ هير جون ڀنگهريون وڄرائي، اُنهن ڀنگهرين کي ٻنهي هٿن سان ٻُوهيو ويو هو. رام پنجواڻي ڳنڍ- ٽوپي جي اُنهن ڪاريگرن ۽ رفوگرن ۾ شامل هو، جن ڀارت جي گهڻ- ٻولين واري ملڪ ۾ پهچي، نااُميديءَ جي سمونڊ ۾ غوطن کائڻ بدران ٻوليءَ ۽ ادب جي ڦاٽل ڪنجري کي وڃهي چتيون هڻيون هيون. هن مهاپرشن کي لڏ پلاڻ واري طوفان اُکيڙي نه سگهيو هو. هو ته اُن ڪاري آنڌاريءَ ۾ ٻڙ جي وڻ وانگر سڏا ۽ سنوان رهيا هئا. سنڌن جلاوطنيءَ وارو هڪ اهڙو غيرفطري عمل هو، جهڙو ننڍهڻ اس ۾ صحرا جي سيني تي هيرڻ جون ڪڪڙيون ڇڏي، وڃهي سنڌن انگورجڻ جو انتظار ڪجي! اُها ئي ڳالهه آهي ته ڀارت جي سنڌين اُن ريتائين زمين ۾ اهڙو ته ڀاڻ ۽ زرخيزي بخشيندڙ مٽي ملائي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جو ڪيتن جي نڪور شادابي ۽ زرخيزيءَ تي ابن ڏاڏن کان رهندڙ ڀارتواسي به حيران آهن!

رام پنجواڻي جي سرير جو سرجڻ لاڙڪاڻي جي ڀومِيءَ مان ٿيو. جيڪا ڪرشن راهي، هوندراج دکايل، هولارام هسيجا، هوندراج بلواڻي ۽ هري موٽواڻيءَ جي به جنم ڀومي آهي. لاڙڪاڻي جو وينل وچي بمبئيءَ ۾ آباد ٿيندڙ رام پنجواڻي پنهنجي پر ۾ هڪ مڪمل سنسٿا (ادارو) هو. جيڪو لطيف فن (FINE ARTS) جي هر ميدان جو شهسوار هو. ائين ڪٿي چنجي ته فن جي ديويءَ سندس سر تي 'هرفن مولا' جو ڇٽ جهولايو هو ۽ پوءِ سندس سرير مان ذات مينديءَ جي بوٽن جيان ڦٽي نڪتي هئي. رام اسان وٽ سنگيتڪار، گائڪ، نرتڪ، اداڪار، ليکڪ، سگهڙ ۽ شاعر جي روپ ۾ هڪ مهاپرش بڻجي آيو. سندس قلم توڙي ڪلا مان سرل ۽ سلوڻي سنڌي ڇيٽ جي گلن جي ورڪا ڪندي هئي، جيڪا محفل کي مهڪائي ڇڏيندي هئي. سنڌ ۾ مٺا خان ۽ هند ۾ رام پنجواڻيءَ مٽڪي جو مان وڌايو. هونءَ ته ڪو به فنڪار يا ساز وڄائيندڙ ڪنهن خاص ساز ڪري ئي مشهوري حاصل ڪندو آهي، پر هتي اسان فخر سان چئي ٿا سگهون ته مٽڪي يا گهڙي کي مٺا خان ۽ رام پنجواڻي ڪري ئي مشهوري ملي، جنهن ۾ مٽڪي جو ڪمال گهٽ، پر فنڪار جي هٿن جو هنر ۽ ڪاريگري وڌيڪ شامل آهن. "هٿندڙ سندا هٿڙا، ماٺهن ليکي ساز". هند ۾ شهنائيءَ کي جيئن استاد بسم الله جي حوالي سان ڄاتو سڃاتو ٿو وڃي، تيئن ساڳي ئي سرزمين تي مٽڪي کي به رام پنجواڻيءَ ڪري مان مليو آهي. هندو مت ۾ ڳائڻ وڄائڻ پوڄا ۾ شامل آهي. اسان جڏهن نارد جي آڱرين کي وڻا ڇهندي ڏسون ٿا. سرسوتيءَ جي هٿن ۾ ستار، شو جي ڪلهي تي دنبورو ۽ ڪرشن جي مُک تي مرلي ٿا ڏسون ته هاڻي هن ڪانپوءِ اسانکي رام (رام پنجواڻي) جا هٿ به مٽڪي تي رقص ڪندي نظر ايندا.

شاهه، سچل، سامي سيمينار جي موقعي تي مون ڏٺو ته هر ڀارتواسيءَ رام پنجواڻيءَ جو نالو ادب سان پئي ورتو. اُها ٻي ڳالهه آهي ته ڀارت جي ڪن اديبن رام پنجواڻيءَ جي ڪردار جو منفي پاسو به پيش ڪيو آهي، پر پوءِ به رام جي هنڌين ماڳين هاڪ آهي، جيڪو سنڌين سان ڳنڍير جي ڳنڍين جيان ڳنڍيل آهي:

راڳ- ديوي ۽ رام پنجواڻيءَ جي اوتاري جي فقير- تن فنڪاره پارو چاولا زبانيءَ رام جون ڪن ڀريون ڳالهيون ٻڌي، چوڻو پيو ته رام پنجواڻي بيشڪ ڪلا جو صاحب ۽ سنڌي جاتيءَ لاءِ درد رکندڙ مهان شخصيت هئي، جنهن زندگيءَ جي پڇاڙيءَ وارن پهرن ۾ ناچاڪ هئڻ باوجود به چيٽي چنڊ جي موقعي تي ساڌٻيلي، ڪار، ڪوپريج ۽ باندرا ۾ ڦيرڙيون پائي پنهنجن سنڌين کي خوش ڪرڻ سندس مهانتا جا مثال آهن. رام پنجواڻي هند جي سنڌين جو وڪٽر هارا هو- وڪٽر هارا (چليءَ جو ڳائڻو شاعر) به گهٽين ۽ بازارين ۾ ميڙاڪا مچائي قومي گيت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٽِ لڙهي موتين مالها

پوپٽي، ڪلا ۽ سندري مونکي فن- ديويءَ جي ڳلي ۾ پيل ٽـ لڙهي موتين مالها لڳندي آهي، جن تي فخر ڪرڻ سان دل جهومڻ لڳندي آهي. بمبئيءَ ۾ سيمينار ۽ مشاعري ۾ بهرو وٺندي، ادب جي هن ٽن ليکڪائن کي نـ رڳو يار بار ڏسڻ جو موقعو مليو، پر ڪتابن ۾ جهاتيون پائي سندن ادبي ڪيٽ ۾ هر هلائيندي، اٽڪل ٽيهارو سال ٿيا آهن، تڏهن وڃي هن ٽيلهڙ سان مڪاميلو ٿيو. اسان جي ڀينرن کي اسانکان ڏور رکڻ جي اِها ڪيڏي نـ دل ڏکائيندڙ سازش آهي! ڪاش، ڪين اڳ ڏسي سگهان ها، جيئن سندن اُتساهيندڙ تخليقون ٽندريل ٻير جيان منهنجو بـ ڪنڙن منٽن ٻيرن سان جهول ڀري ڇڏين ها.

ڪتابن ۾ پڙهڻ سان ڳڏ ٻڌو بـ هئم تـ پوپٽي هڪ طوفاني ليکڪا آهي، جنهن ادب جي هر پهلوءَ تي ڪلڪراني ڪئي آهي. ڪهاڻي هجي يا ڪوتا، ناول هجي يا مضمون نويسي، پوپٽيءَ ادب جي هر شاخ ۾ پاڻ ميرايو آهي. لاڏن، ڪيچن ۽ اوراڻن ڪان ٿيندي، هاڻي تـ شعر جي گهاڙيٽن ۾ بـ شهسواريءَ جا وزنائتا ڪرتب ڏيکاري رهي آهي 'اُپيسارڪا' جهڙا نثري نظم خليل جبران جون سڪون لاهيندا آهن. 'اها ئي منهنجي جنم ڀومي آهي' هڪ اُها بي جوڙ تخليق آهي، جيڪا سنڌ مان جلاوطن ٿيل سنڌين سان ڳڏ ڏکڻ آفريڪا، آئرلينڊ، فلسطين ۽ آمريڪا جي اصلوڪن رهاڪن(Red-indians) جي بـ نظم آهي.

پوپٽي هيرانندائيءَ کي هر محفل ۾ مون چانيل پاتو، جيڪا طوفاني ليکڪا سان ڳڏ حاضر جوابيءَ ۾ بـ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. سيمينار جي هڪ بيٺڪ جي جي صدارت ڪندي، ڪيرت ٻاٻاڻيءَ پوپٽيءَ کي صدر صاحب چئي مخاطب ٿيو، جنهن تي پوپٽيءَ ٺهه پهه وراڻيو تـ صدر صاحبہ! هال ۾ ٽهڪڙو مچي ويو.

لوڪ سر پاران هوٽل نٽراج واريءَ تقريب ۾ ڀڳوان چاولا جي ڀڳت ۾ پوپٽي هيرانندائي جيڪي ڦيرڙيون پاتيون هيون، اُنهن ڦيرڙين ۾ مونکي سندس جوڀن واري جهلڪ ۽ جوالا نظر آئي هئي. هن آجياڻي ۾ ڪجهه لفظ چوڻ لاءِ مائيڪ منهنجي آڏو رکيو ويو تـ پوپٽيءَ هوشيار ڪندي مونکي چيو هو تـ: "تاجل! اڄ ڪو شاعريءَ جو ڌماڪو ٿي وڃي." مونکي لوڪ سر ۽ آجياڻي بابت چند جملا ڳالهائڻا هئا، پوءِ بـ ٿورو ههڪندي، هن ريت تقرير شروع ڪئي هيم:

پنجواڻيءَ جو پير



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

گودڙي پوش جو تعارف ڪرايو هو. ڪلا، جنهن لکيو هو: ”سنڌ مان چلڪي نہ موٽنديس تہ ڪٿان چلڪي موٽنديس! سنڌ جي هوا ئي تہ آهي، جنهن ۾ حياتي ملندي ئي پهريون ساهہ کنيو هوم، ٿل پوين پساهہ بہ اُتي کڻان!“ ڪَلا جي ڪهاڻين ۾ سنڌي جيوت جا نہ اُجهامندڙ ڏيا ٻرندي نظر ايندا آهن. ’خانواهڻ‘ ۽ ’ٻڪارڻ‘ واريون ڪهاڻيون هِن وقت مونکي ياد نہ رهيون آهن، پر هنن ڪهاڻين جا عڪس ۽ اولڙا مون پنهنجي لاشعور ۾ سانڍي رکيا آهن.

منهنجي ڄاڻ مطابق ڪلا جا اڻ ڳڻ ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن، جيڪي گهڻو ڪري ڪهاڻين ۽ ناولن جي روپ ۾ آهن. نثري نظمن تي ڪيس اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا طرفان انعام ملي چڪو آهي.

مان جيترا بہ ڏينهن بمبئيءَ ۾ هئس، ڪلا منهنجي سارسنڀال لهندي رهي. پنهنجي پٽ شريڪانت ’صدف‘ (غزل جي ٻي جوڙ نوجوان شاعر) کي مونڏانهن اُماڻي مونکي وندرائيندي رهي هئي. ڪلا جي آسيس ۽ پيار ۾ وڏي ڀيڻ واري پيار لڪل هو. سچ پچ ڪلا مونکي مامتا جي تصوير بہ لڳي هئي. پوپٽي هيرانندڻيءَ جو دٻدٻو ۽ شان، سندري اُتمچندڻيءَ جي ماڻ ۽ معصوميت ۽ ڪلا پرڪاش جي مِهر ۽ مامتا سنڌ جي سرزمين مان ئي جنم ورنديون آهن.

”ادا ، تاجل! منهنجي گهر ڪڏهن ايندين؟“

هِن اَڄ ۾ جيڪو پيار هو، آسيس هئي، اُن پيارَ ۽ آسيس جي خبر فقط ڀيڻ ۽ ڀاءُ کي ئي هوندي.

مان، ڪلا، طارق، هري موٽواڻي ۽ سي. ارجن هئاسون، جيڪي ڪلا جي فليٽ ۾ هڪ ٻئي سان اورون اوري ۽ سور ونڊي رهيا هئاسون. اُن منظر جي ڄڻ تہ چَڪي ڪٽي اچي گهر ۾ هنئين اٿم، جتي اٿندي وهندي صبح شام مان پنهنجي ڀيڻ ’ڪلا‘ کي ڏسي رهيو آهيان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# هيري ٺڪر جو ڪوجنائي ڪارنامو

هيري ٺڪر کي ڏٺم ته ٻئي هڪ ٻئي سان ڳوڇجي وياسون، جڙجي وياسون. اُهو هيرو جنهن منهنجي پهرئين ڪتاب ’جڏهن پوڻ ٻڌي‘ تي آل انڊيا، دهليءَ تان وڏيءَ شدمد سان تبصرو نشر ڪيو هو. لڇمڻ ڪومل جي نشر ڪيل تبصري کان جلدئي پوءِ ساڳي ڪتاب بابت پنهنجي ماتر- ڀومي ڏانهن هيري ٺڪر هنجن ۾ موڙن جهڙا لفظ اُڏايا ها. هزارن ۾ لکن ۾ نرالو پنهنجائپ جو احساس ڏياريندڙ ۾ روح ۾ پيهي ويندڙ هيري جو آواز، جيڪو شام ويلي آل انڊيا ريڊيو تان سنڌي خبرن جي روپ ۾ ٻڌندو هئس، اڄ اُهو جانيڙو قليلي واهه جي ساڃي ڪپ تي جنم وٺندڙ هيرو ڦهلايل ٻانهن جي گهيري ۾ هو. هڪ ٻئي جون اُڃيون اکيون، هڪ جُوڻ وڇڙي ويل اکيون هڪ ٻئي کي ڳولهينديون رهيون هيون، هر ڇهري ۾ جهاتي پائي سڃاڻنديون رهيون هيون.

بمبئيءَ ۾ سيمينار جي هڻ هٿان ۾ وڻ وڻان ڪانپوءِ اسانجون دنيا وارن کان نراليون روح رچنديون وڃي الهاس نگر ۾ ٽپون، جتي سورج نه، پر اکين شاخون ڪڍيون هيون، جيڪي آسرنهن جي وڻ سان ڪرڙ وانگي ٻڪجي ويون هيون ۽ هن وقت گلور ول ۾ نم جي وڻ وانگي مِي ٻئي جيوَ ڀاڪر پائيندا. ادب جي ڪوجنا جي وڻڪار ۾ منٽي اُسرندا رهن ٿا.

ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي فلم سٽي فوٽو اسٽوڊيوز ۾ مونکي ٻلديو ۾ هيري ٺڪر جي حوالي ڪري، وري به پنهنجي آفيس روانو ٿي ويو، جتي مون پهريون به ذڪر ڪيو آهي ته ٻلديو اسانجا فوٽا ڪڍيا ۽ پوءِ رات ويلي شهر جي رونق ڏسندا جڳديش لڇاڻيءَ جي گهر آياسون، هِن ڪاڪ- ڪنڌي تي جڳديش جي مومل (منهنجي ڀيڻ) پنهنجي هٿن سان داڻو- ڀاڻي چڱائي منوهر وارن ڏانهن روانو ڪيو. رات جا پويان ٿي پهر ٻلديوَ ۾ هيري جي سنگت ۾ پريمچند وٽ گذارياسون، هيرو ٺڪر اَسان پنجن ڄڻن جڳديش، ٻلديو، منوهر، پريمچند ۾ منهنجي مٿان چوڏهينءَ جو چنڊ ٻڌجي صبح تائين چاندوڪيءَ جي ورکا ڪندو رهيو.

مون پڙهيو هو ته ادب جي ڪوجنائي مهم ۾ هيرو ٺڪر اُها شخصيت آهي، جنهن 1978ع ۾ هرياڻا صوبي جي راٺيلا نالي ڳوٺڙي جي هڪ مَٽ مان لڌل قاضي قادن جا 112 بيت ڇپائي پڌرا ڪيا هئا. اِهي بيت دراصل هندي زبان جي ليکڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# ادب ۽ کوج جي دنيا جا ٻه نرَنانوَ

تخليق جي دنيا ۾ اُتم ۽ سندري، موتي ۽ ڪلا واريون جوڙيون ته هڏيون سين ٻه ۽ ڏٺيون سين ٻه، پر هي منوهر ۽ جڳديش واري جوڙيءَ بابت هيٺين ڳجهارت منهنجي ذهن مان تڏهن سرجي نڪتي، جڏهن الهاس نگر پهتي آيس:

ڳجهارت: ٻه نانوَ وينا شهر ۾ ته نر نانوَ ٿي پيا.

پڄٽي: ٻه جاڳڻ وينا الهاس ۾ ته سوڀارا ٿي پيا.

(نانوَ= جاڳڻ، شهر= الهاس نگر ۽ نر نانوَ= سوڀارا)

هنن ٻنهي تخليقڪارن اسانجي سورمن، ساهتڪارن، ڪلاڪارن جي ڪردارن تي ٽيلي سيريل اسڪرپٽ لکي، بيشڪ پاڻکي نَر نانوَ ثابت ڪيو آهي. مان الهاس نگر ويس، ٻارڙن سان روح رهاڻ ٿي ۽ انهن ٻنهي نوَن ۽ نڪور راڙن ڪان واقف ٿيس. منهنجي ڄاڻ مطابق هن وقت تائين (1) جوڳي جادو لائي ويا، (2) ڳليءَ ڳليءَ ٿو ڳايان (3) ٻڌ ڦٽي پوپٽي ۽ (4) ڪريو نه تنهنجو ڪير جهڙا وڊيو فلم اسڪرپس لکي، جڳديش لڄاڻي ۽ منوهر ٻيديءَ اسانجي تاريخساز شخصيتن کي هر دؤر ۾ زنده رکڻ جا جتن ڪيا آهن. پروفيسر رام پنجواڻي، پر سرام ضيا، ماسٽر چندر، ڪماري پوپٽي هيراننداڻي، ڪماري ڀڳونتي ناواڻي، اُڏيرو لال، ڪنور ڀڳت ۽ هيمو ڪالاڻيءَ تي ٽيل ڪلڪراني جي ڪمال کي پڙهڻ ۽ پرجهڻ ڪانپوءِ ٿي اسان ادب جي هنن وڻجارن جي اسڪرين واري چٽساليءَ ۽ روپ- ريکائن جو ڪاٿو لڳائي سگهون ٿا. جڳديش ۽ منوهر ماضيءَ توڙي حال جي اٿاهه ساگر ۾ ٽبيون هڻي، ماڻهوءَ جي خوبين ۽ اسرارن جا موتي ميڙي سنڌي ادب جي گلشن ۾ ڀانت ڀانت جا ويهي گل پوکيا آهن. هونءَ ته بنيادي طور منوهر شاعر ۽ پوءِ ڪهاڻيڪار آهي، جڳديش خاص ڪهاڻيڪار آهي ۽ پوءِ هدايتڪار- عمر ۾ منوهر مون کان هڪ سال وڏو ۽ جڳديش هڪ سان ننڍو آهي، يعني جڳديش، مان ۽ منوهر ترتيب وارا 1937ع، 1938ع ۽ 1939ع ۾ پيدا ٿيا آهيون. منوهر ڪنڊياري جو، جڳديش پير جي ڳوٺ جو ۽ مان پير حيات شاهه جي ڳوٺڙي جو رهواسي آهيان. مطلب ته ٽيئي خيرپور ضلعي جا پراڻا رياستي. ورهاڱو نه ٿئي ها ته، خيرپور مان هلجي ها، نيرن جڳديش وٽ، مانجهادو مون وٽ ڪري ۽ رات هلي ڪنڊياري ۾ منوهر وٽ ٿجي ها.

پروفيسر هيري شيوڪاڻيءَ جا ويچار هئا ته هن وقت تائين ٽيلي اسڪرپٽس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪي ڪمرشل وايبلٽي نہ جي برابر آهي. جنهن لاءِ هلندڙ سائنسي ۽ ٽيڪنالاجي جي ٻڪ ٻوڙ کي ڏسي چئي سگهجي ٿو تہ اهو وقت ڏور ناهي، جڏهن ڪلڪ جي ڪاريہ کي مانُ ملندو ۽ اهڙا مهان پرش ۽ استريون ٽي- وي جي اسڪرين تي ڏسي، اسانجو ايندڙ نسل فخر کان ڳاٽ اوچو ڪري هلندو.

الهاس نگر ۾ جگديش ۽ هيري ٺڪر کي گهٽي ڀاڳي مان خاموش ٿي ڏسندو ۽ ٻڌندو رهيو هئس. ايئن فلم اسڪرپٽس جي خاص نڪتن کي ساھہ ۾ سانڍيندو رهيس. اوهان خط پٽ ذريعي ٽرتيءَ جي رشتي کي زندھہ رکڻ چاهيو تہ اِجهاهيءَ آهي جگديش لچاٽيءَ جي ائڊريس:

701- RAJIV APARTMENTS
ULHAS NAGAR- 421001
INDIA.

چڱو ٿيو جو هند کان سڌ ٿيو ۽ اکيون پير ڪري، وتن پهچي مان هند جي ليکڪن ۽ ليکڪائن کان ٿورو گهڻو واقف ٿي سگهيس. ڪاش، اِهو ادبي ۽ ثقافتي ۽ انساني ڳانڍاپن جو سلسلو نئين سج نَون اُمنگن ۽ جذبن سان جاري رهي، جيئن اسان وَرُ وَرُ ڪيو پيا هڪ ٻئي جي ڇهڻ ۽ ڪتابن جا ورق اُٿلايون!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪمل ۽ شيام جئسنگهاڻيءَ تي ڪيرت ٻاٻاڻي، گنو سامتاڻي ۽ لعل پشپ وچ ۾ ٿيل گفتگو پڙهي مونکي تہ ڏندين آڱريون اچي ويون هيون! سندن تنقيد جي بساط تي وهاريل ڳوٽون ۽ مهرا ڏسي، مان تہ حيران ٿي ويو هيس! ڇا تہ سندن هٺ ۽ هٺڪار هو، ڇا تہ تخليقڪار مٿان سندن حملو ۽ پوءِ دفاعي حڪمت عملي (Defending Strategy) هئي. اسانجا هي ٽيئي نقاد بيشڪ پڙهي، پُرجهي، اوڪ ٻوڪ جي ڪم تي پوءِ ئا وهن. اِهي ٽيئي نقاد ڪيرت، پشپ ۽ گُنو پارت ۽ سنڌ جي اديبن جو ڳنڍيل ادبي سرمايو آهن. مان اهڙن اديبن (جن ۾ 'چنوُ مني' ۽ 'سانوري ڪنوار' جو سرجڻهار بہ اچي ٿو وڃي) کي سرحدن جا ليڪا ۽ لڪيرون ڊاهي، سلام ٿو ڪيان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

**جيوت گوگيا** 'جوت' سان مڪا ميلو سيمينار ۾ بمبئيءَ جي سرمائي شامن ۾ رات جي دعوتن ۾ ٿيندو رهيو. مون تان ته گهڙيءَ گهڙيءَ گهور ٿي ويو. مون ته ڪيس پنهنجائپ ۾ پريم جو پانڊيئڙو سڏڻ شروع ڪيو هو. الهاس نگر ۾ به ساڻس هلڪڙي ملاقات ٿي، جتي گوگيا سوڪڙيءَ طور مونکي 'شينهن ۽ ٻڪري' واري ٻالڪ ڪهاڻي ۽ منهنجي خواهش تي گنگا رام سمراٽ جو لکيل ڪتاب 'هندستان' ڏنو هو. پهرئين ڪتاب ۾ شينهن ۽ ٻڪريءَ جو هڪ گهاٽ تان امن ۽ شانتيءَ سان پاڻي پيئي جهنگل روانو ٿي وڃڻ، منڍ ۾ هڪ غيرفطري عمل لڳو پر جڏهن خبر پئي ته اهي ٻئي جانور سرڪس جا هئا ته گوگيا 'جوت' جي ڪردار نگاريءَ کي داد ڏيڻو پيو. اڳتي هلي خبر پوي ٿي ته اُهو انساني جذبو ئي هئو، جنهن تحت هڪ بادشاهه (MONARCH) پاڻ هرتو پنهنجو تخت تاج عوام جي حوالي ڪري ٿو ڇڏي، جڏهن ته جيستائين عوام جو مظاهرو ڪري ڪنهن آمر يا بادشاهه جي ڪڇيءَ ۾ هٿ نه وجهندو آهي، تيستائين ڪوبه حاڪم گوڏا ڪوڙي، توبهه تائب نه ٿيندو آهي. ڪهاڻيءَ جي هيءَ ٽريٽمنٽ به واکاڻ جوڳي آهي.

پروفيسر جگديش لڇاڻيءَ 'جوت' بابت ٻڌايو ته 'جوت' ٻال- ساهت لکندڙن ۾ جهوني ۾ جهونو ليکڪ آهي، جنهن جي ڏاڏيءَ، نانيءَ ۽ پرين جي ڪردارن جي ٻال- ساهت ۾ وڏي اهميت آهي. 1961ع ۾ 'ڏاڏيءَ جون ڪهاڻيون' تي کيس ڀارت سرڪار جي تعليم کاتي پاران انعام به مليو چڪو آهي.

گوگيا 'جوت' کي سنڌي ٻوليءَ جي اٿلي پهاڪن ۽ چوڻين گڏ ڪرڻ جو جنون جي حد تائين ڪوجنائي ذوق آهي، جنهن مان ٻال آکاڻيون سرجي نروار ٿينديون آهن، جيڪو گوگيا جو داد جوڳو ڪوجنائي ڪارنامو ٿو لڳي. هي جهونڙو اديب، آئي وڃي سان پيار ڪندڙ، پهرين جنوري 1928ع تي سنڌ جي اُهاوڙي شهر ۾ ڄائو ۽ هن وقت بئرڪ 442، روم 9، نيلا آڪاش، اُلهاس نگر- 421002 ۾ رهي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**وشنو ڀاٽيا** جو درشن ته نه ٿيو، پر اڻ پورو. نويڪلائيءَ ۾ ڪا ڪچهري نه ٿي سگهي، جڏهن ته هلندي ڦرندي هُن دعوت به ڏني هئي: "تاجل! سڀاڻي رات توکي مون سان هلڻو پوندو. ڪاٺ پيئڻ به ٿيندو ۽ ٻيو به گهڻو ڪجهه." وشنوءَ جي پرخلوص آڇ يعني 'گهڻو ڪجهه' تي سوچيم ته اهو 'گهڻو ڪجهه' ته آهي، جيڪو مونکي به پهرين جا پهر گهر کان پري رکندو آهي. سمجهيم ته ان گهڻو ڪجهه واري معاملي ۾ وشنو ۽ مان هڪ پاڇاريءَ ۾ ڏُکيل به ڏاند آهيون. ڪلهن تان پلي ته ڇٽيون لهي وڃن، پر پوءِ به جيئُن ٽَڏ، ٽيئُن وڏ. مان ساڻس وڃي نه سگهيس، ڇاڪاڻ ته اڪل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا سميت پندرنهن سنسٿائن طرفان وديانتي هال ۾ اسانجي آجياڻي جو انتظام ڪيو ويو هو، جنهن ڪي پُٺي ڏني، وشنوءَ سان هليو وڃڻ مون مناسب نه سمجهيو. منهنجي مجبوريءَ وشنوءَ کي به مجبور ڪري وڌو.

تاج بلوچ جڏهن سوجهرو ڪيندو هو ته اڪثر اسان سان وشنو ڀاٽيا جو ذڪر ڪندو هو. تاج بلوچ اڄ تائين وشنوءَ جو ٿورائتو آهي، جنهن تاج ڏانهن سائين بابا جو تعويذ موڪليو هو ۽ اُن کان پوءِ ان تعويذ تاج جي مالي حالتن ۾ بيرم (Take-off) جو ڪم ڪيو هو. وشنوءَ سان ملڻ کانپوءِ خبر پئي ته وشنو ۽ تاج جي طبيعت ۾ رات ڏينهن جو فرق آهي. وشنو ڀاٽيا هڪ رنگين ۽ مجلسي قسم جو انسان آهي. هڪ دلگُهرڻي دوست هئڻ به ته وشنوءَ جون محفلون ڏاڍيون پرڪشش ۽ رونق ڀريون هونديون آهن. اِهو هئڻ منهنجو وات پاڻي پاڻي ڪرڻ لڳو هو.

اُلهاس نگر کان موٽندي، هيري ٺڪر مونکي نند ڇڳاڻيءَ جي حوالي ڪيو. مان نند سان گڏجي وشنوءَ سان ملڻ لاءِ سنڌس آفيس (هندستان اخبار) هليو ويس. منهنجي وري به بدنصيبي جو وشنو آفيس ۾ موجود نه هو. وشنوءَ لاءِ چٺي ڇڏي، اسان هري موٽواڻيءَ ڏانهن هليا وياسون.

هن وقت وشنو ڀاٽيا بمبئيءَ مان نڪرندڙ 'هندستان' اخبار جو ايڊيٽر آهي، جيڪا ڀارت ۾ وڏي ۾ وڏي سنڌي اخبار آهي. منهنجي معلومات موجب وشنو ڀاٽيا جا ڏهه ڪهاڻين جا مجموعا ۽ چار ناول ڇپجي چڪا آهن.

وشنو ڀاٽيا سان هن پتي تي لهه وچڙ ۾ اچي سگهجي ٿو: 19-21 امبالعل دوشي مارگ، بمبئي ميوچل بلڊنگ 3 ماڙو فورٽ، بمبئي ڀارت.

منهنجي ڄاڻ مطابق وشنوءَ جي ڪهاڻين جا ڏهه مجموعا ۽ چار ناول ڇپجي



soonhsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

چڪا آهن. سندس تخليقن مان جا ڳالهه پڌر پٽ آهي، اُها آهي زندگيءَ سان واڳيل (Committed) هئڻ ۽ عوام سان گڏ ۽ پڻ وانگر گڏ رهڻ.

وشنوءَ جي باري ۾ مون ڪٿي پڙهيو هو (شايد اي- جي اتم جو ليک هو) ته وشنو ڀاٽيا انساني زندگيءَ کي بي معنيٰ ۽ بي مقصد واري فلاسافي سڏيو آهي. وشنوءَ بابت ان قسم جا رايا مونکي سمجهه ۾ ڪونه ٿا اچن. جيئن ته ڀارت ۽ سنڌ جا اديب هڪ ٻئي سان رابطي ۾ اڃا ۾ لوڻ برابر آهن، اُن ڪري اُتم جي ٽيڪانيپٽيءَ تي مان ڳالهائي به نه ٿو سگهان.

لوڪ سر آجياڻي ۾ ڳالهين ڪندي، وشنوءَ سرڀاٽ ڪيو ته "تاجل! تون شاعر ته ڀلوڙ آهين، پر تقرير به سٺي ٿو ڪرين." وشنوءَ جو مان ٿورائتو آهيان. اهڙا لفظ، سي به وشنو ڀاٽيا جهڙي قلمڪار جا، مون لاءِ اُستاد جو وسيلو ئي ته آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

**قيمت هريسنگهاڻي** سنڌ گريجوئيٽس طرفان ڪوٺايل سچل ڪانگريس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ڪراچيءَ آيو هو. جنهن ۾ قيمت سان گڏ پارت ڪان نارائڻ پارتي، گوبند مالهي، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ڪرشن کٽواڻي ۽ وينا شرنگيءَ به شرڪت ڪئي هئي. اُن وقت منهنجن اکين جو آپريشن ٿيل هو. ان ڪري ملاقاتون اڌوريون ئي ٿيون هيون. بمبئيءَ ۾ صبح کان شام تائين قيمت ۽ منهنجون ملاقاتون ٿينديون رهيون. منهنجو دوست، جيڪو 1946ع ڌاران پونيٽ پور ۾ مونسان گڏ پڙهندو هو (جنهنجي وچڙي وڃڻ جو اکين بابن ۾ مان ذڪر به ڪري آيو آهيان) اُن جو نالو به قيمت مل هو. سيمينار ۾ اسانجي وري وري ملڻ جو هڪ اهو به سبب هو جو قيمت هريسنگهاڻيءَ ۾ مونکي ان ننڍڙي فرشتي (قيمت مل) جي جهلڪ نظر ٿي آئي. قيمت مونکي ٽي ڪتاب ڏنا هئا. 'ساميءَ جي سلوڪن جو جائزو،' 'لڙڪ ۽ مرڪ' ۽ 'پنوهارن پچار' (ڪويتا). هنن ڪتابن تي لکي ڏنائين: "پرخلوص پاهوهه مان منهنجي ماتر ڀوميءَ سان جند جڙيل سنڌين جي مايه ناز شاعر جناب تاجل بيوس لاءِ نذرانو" قيمت جي هنن لفظن مان پنهنجي ڌرتيءَ کان زوريءَ ڌارڪيل هڪ حساس ۽ سجاڻ قلمڪار جي سچن جذبن، امنگن، اڌمن، اُڪير ۽ اڪنڊ جو ڪاٿو لڳائي سگهجي ٿو. جنهنجي سرير مان ماتر ڀوميءَ جي وڇوڙي ڪري اڃان به ڌُرڙيون ٿيون نڪرن. موهن ڪلپنا جي لفظن ۾: "ڪاش! هر ملڪ جون واڳون مائرن جي هٿ ۾ هجن." مان بمبئيءَ ۾ ئي هيس جو قيمت جا سمورا نظم پڙهي ورتا هيم. هنن نظمن ۾ 'پنڪيل سنڌي' ۽ 'هن سائنسداني يگ ۾' مونکي لاجواب نظم لڳا هئا. جيڪي اڄ به منهنجي ذهن ۾ گهريتڙيءَ وارا گهرڙا جوڙيو بيٺا آهن.

"JHULELAL KRIPA" 38, New Market Govindpura Bhopal- 462 023.
INDIA.

هي آهي قيمت جو سرنامو. قيمت جا هيا به ڪيترا ئي بامقصد ۽ آفاقي نظم آهن. ان جي باوجود ڪتاب جي ورق ورق تي ديوناگري عبارت منهنجي ڪنڌ تي ڪات ڪيرايا ها. ائين لڳو هو، جڻ هڪ پاسي کان سنڌ جي آڏاڻن تي اُٽيل ريشمي ڪپڙن جا ٿان اکليا پيا آهن ۽ ٻئي پاسي کان ڪو ماچيس جون تيليون ٻاري رهيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# امرڪوٽا 'انڌو دونهون' جو خالق:
# ارجن شاد

بمبئيءَ جي ادبي ياترا وقت ۾ اُن ڪانپوءِ ڊاڪٽر ارجن شاد جي ادبي ۽ علمي سفر کي جاچي ڏٺم ته مونکي ارجن شاد جي رنگ روپ ۾ به قدارو شخصيتون نظر آيون، هڪ شاعر ۽ نقاد ۽ ٻيو درس تدريس جي حوالي سان يونيورسٽيءَ جي هڪ ٻي قداور شخصيت. ائين ڪٿي چئجي ته هڪ شاعر ٻيو استاد، جڻ ٽُوتن جي باغ ۾ ٻن ٻيلهه ٻيٺل بيد مشڪ جا ٻه وڻ.

سٺ واري ڏهاڪي ۾ اسانجي ڪوي شيخ اياز سنڌ بابت ايڏا ته روح ۾ پيهي ويندڙ گيت لکيا هئا، جو ڪيس باغي شاعر چيو ويندو هو. جنهن ۾ سندس جيل وڃڻ جو به اثر شامل آهي.

ڀارت ۾ ارجن شاد به پنهنجي جنم ڀوميءَ (HOME LAND) کي ياد ڪندي، اهڙي ته ڀرپور عڪاسي ڪئي آهي، جو منجهس باغي شاعر جون خوبيون 'وهائو تاري' جيان ايري پيون آهن. ارجن ڏرتيءَ جو شاعر آهي، انبوهه (MASSES) جو شاعر آهي. نارائڻ ڀارتيءَ چواڻي ته جيئن چٽنرجيءَ ڀارت ورش کي 'وندي ماترم' جهڙو لافاني گيت ڏنو، تيئن ڀارت جي سنڌين کي ارجن شاد "اُها زنده رکندس ٻولي، جنهن ۾ ماءُ ڏني مونکي لولي." گيت ڏنو آهي.

"منهنجي سنڌ جو نقشو ڪاغذ جو نقشو نه آهي. اهو منهنجي دل جي خون ۾ چٽيل نقشو آهي."

وطن جي ياد هڪ ٻرندڙ ٽانڊي مثل آهي
جنهن تي پل ته زماني جي گردش جي رک چڙهي وڃي
پر اُن آگ جو روح
وري وري اُن رک کي
ڦوڪ سان اُڏائي ڇڏيندو
۽ ٽانڊو پنهنجي گرمائش ۾ روشنيءَ سان
هميشه چمڪندو رهندو.

◉



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

روشنيون،' 'انڌو دونهون،' 'همعصر سنڌي شعر' ۽ 'سنڌي غزل' ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿيا آهن.

'وولگا جي ڪناري' تي سوويت لئنڊ نهرو انعام ۽ 'انڌو دونهون' تي ساهت اڪيڊميءَ جو انعام ۽ ٻيا ڪيترا ئي انعام ملي چڪا اٿس. وڏو انعام پنهنجي ٻولي ڳالهائيندڙن ۾ مقبوليت وارو آهي، يعني پڙهندڙن ۽ پيار ڪندڙن جو وڏو تعداد. اهو انعام به ارجن شاد کي ملي چڪو آهي. حسرت رهجي وئي جو ماڪيءَ جهڙي مٺڙي موهني ڀاڄائيءَ (ارجن شاد جي پتني) کان "اُها زنده رڪندس ٻولي" نه ٻڌي سگهيس.

پوپٽي هيرا نناڻيءَ هڪ لڳا هيئن چيو هو:

"شڪل شبيه ۾ شاهاڻو، هلت چلت ۽ وهنوار ۾ شاناڻو، محبت ڪرڻ ۾ تکو ۽ ادب جي اصولن جو ڄاڻو، اُهو آهي شاد."

بمبئيءَ پهچڻ سان جنهن سڀ کان اول پنهنجي گهر ۾ گهرايو هو، اُهو ارجن شاد هو. کلڻو ملڻو، گهر سوڌو گهور ويندڙ. ٻهڪندڙ چهري وارو، سچو ئي سون، پنهنجن کي ڏسي صبح جي گلاب وانگر ٽڙي پوندڙ. اڄان به سنڌ جي زمين ۾ ڪتل ارجن شاد. ڪيس ڏسي، جُهڪي ملڻ ۾ ئي پاڻ کي مانائتو ۽ ڀاڳوند سمجهيم. هائو، هي اُهو ئي ته شاد هو، جيڪو آزاديءَ جي هلچل دوران سگريٽ جي دٻن ۾ گندرف ڀري بم ٺاهيندو هو، جنهن کي پوءِ ڪاناٽيءَ جي ڳوڙهي وانگي ڦيرائي، ڦيرائي سرحد پار اڇليو ويو هو ۽ پوءِ هيئن چيو هئائين:

نه زمين تي پختو آهيان
نه هوا ۾ لٽڪيل
آهيان الائي آهيان ئي ڪونه!.

اچو ته سڀ کان پهريائين ڊاڪٽر ارجن شاد جو پتو نوٽ ڪيون.

1- سلور بيچ هائوسنگ سوسائٽي، نارٿ سائوٿ روڊ 10، پلاٽ 23، جهُو (ايس- وي- پي- ڊي) بمبئي-400049 (ڀارت).

مان ته ارجن شاد کي ڀارت جو رسول حمزو (آوار زبان جو داغستاني شاعر) سڏيندو آهيان، جنهن چيو آهي:

"ڪي ماڻهو توکي ڪينهون سمجهي، ٿڏا ٿا هڻن، ڪي توکي
گدرو سمجهي، ڦارون ڦارون ٿا ڪن. اي ڌرتي! اڄ ته توکي
سيني سان لڳايان."

دل ٿي چوي ته سفرنامي جي بهاني رڳو ويٺو ارجن شاد جا آزاد ۽ نثري نظم لکان! اهو ئي ته منهنجو 'سفرنامو' آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڀھريون ڪھاڻيون ’ڀيل جا ڏاڳا‘ ۽ ڪونج ۾ ڇپيل ’ننگو آسمان‘ ھيون.

پارکو ٿا چون تہ شيام جئسنگھاڻي ادبي وجود Theory of absurdity مان پاتو آھي. شيام جو بہ لکيو آھي، اھو زندگي ۽ انساني فطرت مان جُڙيل ٿو لڳي. مون تہ سندس ڪھاڻين تي ڪيرت ٻاٻاڻي، لعل پشپ ۽ گُني سامتاڻيءَ جھڙن سڄاڻ ۽ اڪابرن کي گفتگو ڪندي بہ پڙھيو آھي.

شيام ھڏايو تہ ھو بلوچستان جي ڪوئيٽا شھر ۾ 1937ع ۾ پيدا ٿيو ھو. ھن سفرنامي جو ڪوبہ پڙھندڙ جيڪڏھن شيام جئسنگھاڻيءَ کي خط پٽ لکي تہ سندس پتو ھن طرح آھي: 8 ڪمل ڪول سوسائٽي، ڪليڪٽرس ڪالوني، چمبور بمبئي- 074 400 ڀارت.

منھنجي ڄاڻ موجب ھن وقت تائين شيام جا نو (9) ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿيا آھن، جي ھن ريت آھن: ننگو آسمان، ٿونگو، ڪچا ڏاڳا، ڪاھيءَ جي چوطرف، نوان افق، ڪنڌھر، افق جي دوري، وچوٿيون ۾ ھڪ ھيو ڏينھن. تازو شيام کي ’ھڪ ھيو ڏينھن‘ (ڪھاڻيون) تي اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساھت سڀا جو انعام بہ مليو آھي، جنھن لاءِ شيام سان گڏ ڪرن ڀاپيءَ بہ ڪيرون لھڻيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مونکي ڄاڻايو ويو تہ اتم ۾ سندريءَ پنهنجن ٻن ڌيئرن آشا ۽ بينا کي سنڌيءَ ۾ گريجوئيٽس تہ ڪرائي، پر روايتن کي ٽوڙيندي، کين نرت (رقص) بہ سيکاريائون. اُتم جي رفيق حيات سندري اُتمچندانيءَ کي ادب ۾ 'خاتونِ اول' جو اعزاز حاصل آهي.

اُتم جي ادبي زندگيءَ کي جاچبو تہ اتم ڪڏهن ڪاليجي مخزن 'ڦليلي' نئين دنيا، سنڌو- ڌارا، سنڌ سماچار ۽ سنڌو سنسار جو مُک ايڊيٽر نظر ايندو تہ ڪڏهن استاد اڳيان شاگرد وانگي لفافن تي ائڊريسون ويٺو لکندو. اُتم جي اِها عظمت آهي. سنڌ- ماتا جي پيٽل ڪير ملهائڻ لاءِ اُتم جي اِها جس جوڳي جاکوڙ آهي. موهن ڪلپنا جي لفظن ۾ تہ اتم منهن تي وڃائي ڪيندڙ ۽ نان- ڊپلوميٽ هئڻ ڪري گهٽ پسند ايندڙ شخص آهي ۽ پوءِ بہ مان چوندس تہ اُتم فرد نہ، پر ماڻهن جو انبوهہ آهي، هڪ يونين آهي، ڀلي ڪو ڪيس شيرِ ڪشمير جي حوالي سان شيرِ ادب سڏي، اُن ۾ پنهنجو ڇا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# هڪ رانجهو لکان دي مٿ

## موهن ڪلپنا

هلندي سيمينار ۾ منجهند جي روٽي- پاڻيءَ جو وقفو آيو. ٿالهيءَ ۾ پاپڙ وجهي، سڌو وڃي پانداريءَ (خانسامان) مٿان بيٺس. چيم: هر ڪو ڏاڍون ڏار. ڏئم ته پنڊال مان جيڪو نڪتو ٿي، سو ٿالهي ۽ پليٽ هٿ ۾ جهلي وڃي ٿي قطار ۾ بيٺو. اديبن، شاعرن ۽ پارکن جي ميڙاڪي ۾ ان قسم جو نظم ضبط ڏسي، دل باغ بهار ٿيڻ لڳي. مان به هيڏي هوڏي لوڏا ڦيري وڃي قطار ۾ بيٺس. هڪ ميزبان قطار مان ڪڍي مونکي خانسامان وٽ وٺي آيو. ٿالهيءَ ۾ تيوڻ، پاپڙ، پڪوڙا، چانور، دال ۽ چٽني وجهي ماڻهن جي انبوهه مان ٻاهر نڪتس ته سامهون موهن ڪلپنا هٿ ۾ ٿالهي طعامن جي جهليو بيٺو هو. ٿالهيون هنج ۾ رکي بالم ٻنجي هڻي پٽ تي ويهي رهياسون.

موهن جو چهرو ڏسي، مونکي پهريون دفعو احساس ٿيو ته مُرڪن کي به پنهنجو دائرو ۽ جسم (FORM) ٿيندو آهي. درياءَ جي لهُرن جيان مرڪون لهنديون چڙهنديون به آهن. چهرو ئي مرڪن جو ٺهيل. هر ريکا، هر لڪير مرڪن- مالها، چپ بند، ڳالهائڻ بند پوءِ به مرڪون ئي مرڪون. مُرڪن جا ميلا. چولين جو اُتار ۽ چڙهاءُ. جڻ ساڌ هيلي ڪان سنڌوءَ جي اُٿل پُٿل. موهن جهڙو مُرڪڻو، دک سک ۾ مرڪن سان سجايل چهرو، جڻ مون پهريون دفعو ڏٺو هجي. موهن جهڙا مرڪڻا ادبي دوست هوڻ به منهنجي ڪمزوري رهيا آهن. سنڌ ۾ نئين ٿهيءَ جو ڪالم نويس، نقاد ۽ صحافي انعام شيخ به چهري تي ساڳيون موهن ڪلپنا واريون مرڪون سجايون دوستن جون دليون ڦاسائيندو وتندو آهي.

موهن ڪلپنا تي ٿورو گهڻو پڙهيو هئم ۽ بمبئيءَ جي نجي ڪچهرين ۾ به سندس باري ۾ نيون رمزون ۽ نوان رايا معلوم ٿيا هئا. پروفيسر رام پنجواڻي سينٽر جي پٽ تي ويٺل هي اهو ساڳو ئي موهن هو، جنهن طبقاتي معاشري تي گند جو ٽوڪرو اڇليندي، چيو هو: "ٻن جرمنين جي وچ ۾ ديوار ڇو آهي؟" اڄ اُها ديوار ڪري چڪي آهي. 1983ع ۾ منهنجي ڪتاب "جڏهن يونءَ ٻٽي" جي مهورت واري موقعي تي سنڌي زبان جي اعليٰ اديب سراج ميمڻ چيو هو ته هن وقت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ته سنڌ جي مٽي سونُ اُپائيندي آهي. امان سانئڻ ڏسيس ها ته ڳوري سڏيس ها.
ننهن کان چوٽيءَ تائين ٽاڪر چاولا جي سيمينار سان سلهاڙيل موتي پرڪاش.

دل ۾ حسرت رهجي وئي، جو موتي پرڪاش سان ڪا نويڪلي روح رهاڻ نه ٿي سگهي. پنهنجو درشن سيمينار ۽ مشاعري تائين محدود رهيو. پوءِ به جو ڪجهه ٿيو، خوب ٿيو. لک ٿيو. اڻ ٿيٺي، ٿي پوي ته باقي ڇا کپي. 5- نومبر 1990ع جي لهنڊڙ سج تائين منهنجي ڄاڻ مطابق (1) آءٌ ته ڇوريون ڇنگ (2) ڏٺي ڏينهن ٿيام (3) انڊر سيڪريٽري (4) پردي اڳيان پردي پٺيان (5) انڌيرو اجالو (6) ڇٽنگ وڃ چولي ۾ (7) سي سپ سانڍيم ساهه سين، موتي پرڪاش جون تخليقون اسان جي هٿن تائين پهتيون آهن. سنڌ- ڌرتيءَ تي ڄاول ۽ نپنيل هن ڏاهي ۽ سڄاڻ شاعر جو سرنامو اجهو هن ريت آهي:

پرنسپال، انڊين هاءِ اسڪول، پوسٽ باڪس 106، دبئي (UAE).



soorihsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# وڇوڙي جو واءُ

سيمينار، مشاعري ۽ اَجياڻن ڪانپوءِ مونکي دهليءَ اسهڻو هو. جتان آگري ۽ اجمير گهمي، دهليءَ کان سنڌ موٽڻو هو. دهلي، آگري ۽ اجمير گهمڻ جي آس دل ۾ ئي رهجي وئي! هنن شهرن ڏسڻ کان وڌيڪ آنسون، اميدون اُنهن سنڌين، سنڌياڻين، ٻارن، ٻيٺرن ۽ نياڻين کي ڏسڻ پسڻ جون هيون، جن لاءِ سالن کان اندر ئي اندر ۾ سڪ جي ساگر ڇوليون ماري، نيڻن جي نند ڦٽائي ڇڏي هئي. لڇمڻ ڪومل ۽ هيري ٺڪر ته بمبئيءَ ۾ ئي ٻانهن جا هار پارايا هئا، پر اڃان ته جوڳيئڙن جي منزل اڳيري هئي. جمنا کي سنڌوءَ جا ته سلام ڏيندس، پر جتي ڪري گنگا ۾ به وڃي پير پسائيندس. اڃان اِن هورا ڪورا ۾ هئس جو ڪراچيءَ کان فون تي هڪ دوست ٻڌايو ته قومي اسيمبليءَ جي چونڊن دوران سهراب ڳوٺ جي پٺاڻن منهنجي ڪڪي نديم (سرمد) جي موٽر سائيڪل به ساڙي ڇڏي آهي، ۽ ڪيس ڏکي به وڌو ٿن. تصديق ڪرڻ لاءِ رڙ ووڙ هوٽل مان ڪال بوڪ ڪرائي گهران پڇا ڪيم. مون واري گهر واري زيب النساءَ (منڻ خاتون) ٻڌايو ته پيپلز پارٽيءَ جي ڪئمپ ويجهو نديم جي موٽر سائيڪل سميت ڇهن سائيڪلن کي ساڙيو ويو هو. باقي نديم- ڏي خير هو. پوءِ به رٿيل پروگرام ڪئنسل ڪري، واپس مونکي سنڌ ورڻو پيو. دهلي روانو ٿيندي، دهليءَ اچڻ لاءِ هيري ٺڪر مونکان وچن به ورتو هو ۽ ائين به چيو هئائين ته دهلي، آگري ۽ اجمير به مونکي پاڻ ئي گهمائيندو.

مان ۽ طارق اشرف بمبئي ايئرپورٽ تي آهيون، جتي وڏا ٻاڪر پائي ٺاڪر چاولا، جيوت چاولا، نند جويري، هري موٽواڻي الوداع چئي، اسانکي روانو ٿا ڪن. هري موٽواڻيءَ اسانکان سنڌڪي موڪليو هو. هريءَ جي سنڌڪن جا پڙاڏا ساڻ ڪري مان سنڌ پهتو هئس. هريءَ جي انهن سنڌڪن هڪ حساس دل شاعر کي يقين ڏياريو هو ته ڌرتي ۽ ٻوليءَ جو رشتو هر ڌرم ڪرم کان مٿاهون هجي ٿو.

جهاز جي ڪڙڪي کولي مون ڀارت جي زمين کي آخري نظرن سان ڇهيو هو. چميو هو. ڏٺو هو. مونکي ته سنڌ ۽ ڀارت جي ڌرتيءَ ۾ ڪوبه فرق نظر نه آيو هو. اُهي ساڳيا وڻ ۽ وسنديون، اُها ساڳي وڻڪار ۽ واهيرا. اُها ساڳي سنڌ واري مٽي. هڪڙن کي گنگا ۽ جمنا ٿي سيراب ڪري ته ٻين کي سنڌو امرت جا ڍڪڙا ٿي پياري.

هند جي سنڌين وٽان مٽي تي محبتن جا ٻاڪر ۽ ڀريون کڻي، اچي سنڌ ۾ لاٿيون اٿم. ساڀيا توڙي سپنن ۾ بمبئي جون ڪير جهڙيون اڇون اجريون راتيون ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner



ديا وِنتي هال ۾ اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جي اَجيائي ۾-

ساڄي کان زرينہ اياز، گوبند مالهي، شيخ اياز، مرحيات طارق اشرف ۽ تاجل بيوس.



تاجل بيوس جي پليڪار ڀارت ۾.



soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner



تاجل بيوس پارت جي ممتاز ليکڪا ڪلا پرڪاش سان سنڌيس گهر ۾.



پارت جو هڪ هيو بي جوڙ شاعر ڊاڪٽر ارجن شاد ۽ تاجل بيوس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner



هوٽل نٽراج ۾ لوڪ سُر طرفان آجياڻي وقت هوندلوداس سيناڻي ۽ هيرو چاولا (سيڪريٽري لوڪ سُر) لعل سائين جو پلؤ پائيندي:
”ڪٿا انب لعل سائين مٺا ڪري ڏيندو وڻڙي آميان باغ ۾ باغ گهمڻ ايندو.“



شاهه، سچل، سامي سيمينار ۾ شريڪ ٿيندڙ:
گوبند مالهي ۽ تاجل بيوس (ياڪرن جي گهيري ۾)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
soorihsindhiadab
Scanned with CamScanner






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner





soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner


soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner



ڪونج جو سڪاڻي:
هري موٽواڻي ’سنڌي‘ ۽ بيبي پونم، جيوت چاولا جي نياڻي.



ڪونج جو سرواڻ هري موٽواڻي ’سنڌي‘ ۽ تاجل بيوس، هريءَ جي گهر ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner



ساڄي کان
ديال آهوجا، تاجل بيوس ۽ گوبند مالهي.



اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جي آجياڻي وقت شري ٺاڪر چاولا تاجل
بيوس کي گلن جو تحفو پيش ڪندي.



soorihsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner



پروفيسر رام پنجواڻي ٽرسٽ جو چيئرمين شري آر- جي آڏواڻي سنڌ کان آيل اديبن کي ڀليڪار چوندي.



شاهه، سچل، سامي سيمينار جي افتتاحي موقعي تي سيمينار جو ڪنوينر ۽ پروفيسر رام پنجواڻي سينٽر جو روح روان شري ٺاڪر چاولا سينٽر جو تعارف ڪرائيندي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner



ڪاج- ڏٽي ڪاهي ڪان: شري ٺاڪر چاولا (سيمينار ۽ مشاعري جو ڪنوينر)
مسز پارُو چاولا ۽ سندن نياڻو رام رائچنداڻي.



الهاس نگر ۾
ساڄي ڪان ڪرشن لعل بجاج، تاجل بيوس، ايم- ڪمل ۽ هيروٺڪر.



soorihsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner



انڊو- سنڌ مشاعري جي موقعي تي تاجل بيوس ۽ ايم- ڪمل خوشگوار موڊ ۾.



الهاس نگر جي فلم سٽي اسٽوڊيو ۾ ساڄي کان:

هيرو ٺڪر، تاجل بيوس ۽ ٻلديو مٽلاڻي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



ساڄي کان ڏيال موٽواڻي (ايڊيٽر جهولي لال) تاجل بيوس ۽ قيمت هريسنگهاڻي.



هوٽل نٽراج ۾ لوڪ سر طرفان ڏنل آجياڻي ۾ ڀڳت چاولا ۽ پارت جي ٻرڪ اديبا پوپٽي هيراننداڻي رقص جي عالم ۾.



soorihsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner



ڀارت جي اديب ۽ سنڌين جي هڏ ڏوکي جيوت چاولا جي گهر ۾ هڪ رات.
تاجل بيوس ۽ جيوت چاولا.



شاهه، سچل، سامي سيمينار ۾ سيمينار جي سيواگر، شُوڀا رام رائچنداڻي گلن جا
تحفا پيش ڪندي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner



تاجل ڀارت جي فنڪاره ڪاجل، ’گجرات جي گجر‘ (ننڍڙي عابده پروين) ۽ سنديس امڙ (رام پنجواڻيءَ جي ڌيءَ) سان گڏ.



الهاس نگر ۾ ڀارت جو اديب ڪرشن لعل بجاج تاجل بيوس کي هندي ڊڪشنري سوکڙي طور ڏيندي. ڪاهي پاسي کان هيرو ٺڪر ۽ جيوت گوگيا ”جُوت“ بيٺل آهن.



soorhsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner



شاهہ، سچل، سامي سيمينار ۾ دبئيءَ کان آيل ڀارت جو بيجوڙ شاعر ڊاڪٽر موتي پرڪاش سنڌ کان آيل اديبن جو تعارف ڪرائيندي.



شاهہ، سچل، سامي سيمينار ۾:
گوبند ڪمل، تاجل بيوس، نندجويري، چترو ناگپال، هڪ اديب دوست ۽ ڪمل پياسي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# سنڌيڪا جو ڇهون ڪتاب

## جنس جي سائنسي ڄاڻ

مصنف: علي مرتضيٰ ڏاريجو

سنڌيءَ ۾ سائنسي ادب تمام ٿورو آهي. جنسي ادب ته تهائين نه هئڻ جي برابر. جوڻي آهي ته 'جتي حقيقتن کي لڪايو ويندو آهي اتي افواهه زور وٺندا آهن' سنڌ ۾ به ايئن ٿيو آهي. جنس کي ايڏو ته دٻايو ۽ لڪايو ويو آهي، جو نوجوانن لاءِ اها هڪ اڻ ڏٺل شهر آهي، ۽ جڏهن هي نوجوانيءَ جي بنا تجربي ۽ ڄاڻ واريءَ عمر ۾ ان شهر ۾ قدم رکن ٿا ته پليو ۽ ڀٽڪيو وڃن. خاص ڪري نوجوان ڇوڪريون، اڻ ڄاڻائيءَ سبب اهڙيون غلطيون ڪريو وڃهن جو، ڳالهه وڃيو جان جي جوکي تائين پهچي...... محترم علي مرتضيٰ ڏاريجو، سنڌيءَ جي سائنسي ادب ۾ هڪ ڄاتل سڃاتل شخصيت آهي. هن دفعي هُن جنس جي نازڪ موضوع تي قلم کڻي سنڌ تي، خاص ڪري سنڌ جي نوجوانن تي وڏو احسان ڪيو آهي جو انهن کي هن اڻ ڄاتل ۽ اڻ ڏٺل شهر جي هر گهٽيءَ ۽ گام، هر پنڌ ۽ پيچري کان آگاهه ڪيو اٿائين. جيئن اهي پلي ۽ ڀٽڪي، مونجهارن (Complexes)، دٻائن (Depressions) جو شڪار نه ٿين، ۽ اڌ طبيبن يا ڪُوڙين جي ور نه چڙهن، ۽ پنهنجي ازدواجي، تخليقي، ۽ توليدي حياتي، خير خوبي، ۽ سڪون سان گذارين، ۽ ان مان پوري لذت به حاصل ڪن.

**(ڊاڪٽر) تنوير عباسي**

جنسيات تي اجاين پنگتي پابندين ۽ غيرسياويڪ بندشن، جنسيات کي نه رڳو پراسرار بڻائي ڇڏيو آهي، پر ماڻهن کي ان بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ کان به وانجهو پئي رکيو آهي. اهڙين پابندين، اهڙين بندشن ۽ اهڙي اڻڄاڻائيءَ ماڻهن کي رڳو ذهني ۽ دماغي روڳن ۽ سماجي براين سان مالامال پئي ڪيو آهي. علي مرتضيٰ ڏاريجي هن ڪتاب ذريعي اسانجي ماڻهن کي جنسيات جي ڄاڻ وڌائڻ لاءِ موقعو ڏنو آهي. اهو به ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته لکت ۾ جنسيات جي لفظن ۽ اصطلاحن جي استعمال ۾ هن عام روش کان هٽي هلڻ جي ڪجهه دليري ڪئي آهي.

**— نجم عباسي**

هي هڪ ساراهه جوڳي ڪوشش آهي. ليکڪ هڪ ڏکئي موضوع کي سرل ۽ سهج ٻوليءَ ۾ پيش ڪيو آهي. فني اصطلاحن سان ٺهڪندڙ اصطلاح گهڙڻ جي هنر کان به ليکڪ واقف آهي.

**— امداد حسيني**

صفحا 112 - ملهه 30 رپيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# ٽين دنيا ۾ فوجي آمريتون

سهيڙيندڙ: **رئوف نظاماڻي**

ٽين دنيا جي اسرندڙ ملڪن چلي، سوڊان، انڊونيشيا ۽ پاڪستان ۾ فوجي راڄن جي ڪوشش جو تفصيل، ڪتاب ۾ پاڪستان ٺهڻ کان وٺي اسي جي ڏهاڪي تائين سياست ۽ حڪومت جي پس پرده حڪمت عملين تي 300 صفحن تي مشتمل سربستا راز، پاڪستان جي ماهيت، ان جي اشرافيه ۽ 40 سالن جي لڇاين جو چرڪائيندڙ تفصيل، جاگيردار طبقي جي مسلم ليگي سياست، اقتدار تي ڪاموراشاهي جي قبضي ۽ ان کان پوءِ فوجي ڪاموري آمريت جي ساڻس تضادن کان وٺي پاڪستان جي ٽٽڻ، ذوالفقار علي ڀٽي جي نئين پاڪستان ۾ وجود ۾ اچڻ ۽ وري هڪ نئين مارشل لا جي تاڃڻ تائين معاملن جي تهه ۾ ويٺل هڪ شخص ذري ذري جو پوسٽ مارٽم ڪري ٻڌائيندو وڃي ٿو

هي ڪتاب حقيقت ۾ پنجن حصن تي مشتمل آهي جن مان هڪ لنڊن ۾ رهندڙ پاڪستاني ڪاهي ڏر جي مشهور اڳوڻي شاگرد رهنما طارق علي جو لکيل آهي، ٻيو 'پاڪستاني سياست ۾ فوجي مداخلت' اسلم خواجا جو لکيل آهي جڏهن ته ٽيون، چوٿون ۽ پنجون يعني چلي، انڊونيشيا ۽ سوڊان ۾ فوجي راڄن جي تفصيلن جي مشتمل ڪتاب لاهور جي مشهور ڪميونسٽ اڳواڻ عبدالله ملڪ جا لکيل آهن. سيني ليکڪن پنهنجي موضوعن جو حق ادا ڪيو آهي خاص ڪري طارق علي پاڪستان جي سياسي تاريخ کي سٺي نموني پيش ڪيو آهي، جنهن سان ڪيترا سارا لڪل ڪردار ۽ سوچون سامهون اچي وڃن ٿيون. انهيءَ موضوع تي ولي خان، جي ايم سيد ۽ ملڪ جي ڪيترن ئي اهل قلم/ طبع آزمائي ڪئي آهي پر طارق علي جي پنهنجي هڪ نرالي ڪاوش آهي، جيڪا پڙهندڙن کي تمام گهڻو مواد ڏئي ٿي.

صفحا: 378 - ملهه: 75 رپيا

soorhsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## سنڌيڪا جو نئون ڪتاب

# بند اکين ۾
# ڪجھ يادون
# ڪجھ سپنا

سنڌي ٻولي کي پاڻ ارپيندڙ

بيباڪ قلمڪار

## طارق اشرف

جي سمورن ڪهاڻين جو ساڻيڻ جهڙو ڳٽڪو.
باريڪ بينيءَ سان لکيل افسانا هجن يا تيز تکا سياسي ۽ ادبي مضمون... انٽرويو، ايڊيٽوريل ۽ اڏ ملاقاتون هجن يا جيل جا مشاهدا، هر تحرير جو جدا، نرالو ۽ وڻندڙ رنگ طارق جي قلم ۽ شخصيت جي انفراديت جو مظهر آهي. ڪتاب ۾ شامل اڪثر ڪهاڻيون ليکڪ جي شخصيت جي مختلف پاسن جي عڪاسي ڪن ٿيون.

صفحا: 409

ملهہ: اُڇي ڪاپي 90 رپيا

سادي ڪاپي 60 رپيا

ڪتاب سنڌ جي سيني وڏن بڪ اسٽالن تي موجود آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# سنڌيڪا جا ايندڙ ڪتاب

# ڀٽ جو شاهه

شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شخصيت ، فن، فڪر ۽ ڀٽائي جي دور تي لکيل پهريون ڪلاسڪ جنهن سان ڀٽائي جي عظمت جا واڄٽ سڄي دنيا اندر هڏڻ ۾ آيا.

ايچ- ٽي سورلي پنهنجي هڪ هئي ڪتاب روزاپرواگانس ۾ دنيا جي ذهن وڏن شاعرن جي تقابلي جائزي ۾ شاهه لطيف کي دنيا جو نمبر ون شاعر قرار ڏنو آهي. محترم عطا محمد ڀنيرو ڀٽ جو شاهه کي سنڌي قالب ۾ آڻيندڙ. ۽ ڊاڪٽر فهميده حسين نظرثاني ڪندڙ

صفحا 350 ملهه 100 رپيا ( پڪي جلد سان)

# شاهه لطيف بحيثيت مفڪر

ايچ- ٽي سورلي، پروفيسر جهانگيائي، اي- ڪي بروهي، علامه عمر بن محمد دائود پوٽو، سراج الحق ميمڻ، محمد ابراهيم جويو، تنوير عباسي، ف- م- لاشاري، فهميده حسين، انور پيرزادو، علي احمد بروهي ۽ شيخ محمد اسماعيل جي شاهه لطيف جي انساني، سماجي ۽ سياسي فڪر، تصوف، وحدت الوجود، رهبري ۽ رهنمائي جهڙن اهم موضوعن تي شاهڪار مضمونن جو ڳٽڪو.

صفحا256 ملهه 60 رپيا

soomhsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book